"سچل نمبر"

مئي ١٩٥٦ع

نئين زندگي

تصوير

هنامو

RESEARCH LIBRARY
INSTITUTE OF SINDHOLOGY
UNIV OF SINDH JAMSHORO



پاڪستان ۾



۱ ميجر جنرل اسڪندر مرزا صدر جمهوريه پاڪستان ۽ بيگم اسڪندر مرزا، شهنشاه ايران، ۽ ملڪه معظمه ايران سان گڏ.

۲ ميجر جنرل اسڪندر مرزا صدر جمهوريه پاڪستان "مادرن فرنچ پينٽنگ" جي نمائش جو افتتاح فرمائي رهيو آهي.



۳ جناب سيد پير علي محمد شاه راشدي وزير اطلاعات و نشريات پاڪستان عراق سرڪار جي دعوت تي هڪ سرڪاري تقريب ۾ بغداد وڃڻ لاءِ هوائي اڈي تي.



۴ ايران جو مشهور شاعر ۽ اديب جناب سعيد نفيسي، ڪراچي يونيورسٽيءَ جي شاگردن ۽ پين معزز شهرواسين جي سامهون علامه اقبال جي حياتي ۽ فلسفي تي تقرير ڪري رهيو آهي.

RESEARCH LIBRARY
INSTITUTE OF SINDHOLOGY
UNIV. OF SIND, JAMSHORO.

" سچل نمبر "

سالياڻو چندو :
۴ـــ.ـــ.

قيمت في ڪاپي :
ـــ٦ـــ.

نئين زندگي

ڪـــراچي

ايڊيٽر:ـــ عبدالواحد سنڌي

جلد ۹ | مئي ۱۹۵۶ع | نمبر ۵

فهـــرست

ڳالهه هولهه (سنڌي ادب جي رفتار)	ادارو	۲	
سچل جو تمثيلي ڪلام	ڪليان آڏواڻي	۴	
سچل سرمست (۱)	مولوي محمد صادق راڄپور	۷	
خواجه فريد الدين "عطار"	قريشي غالب لطيف	۱۱	
سچل سرمست ـ منصور ثاني	شيخ "راز"	۱۶	
بيت ۽ ڏوهيڙا (نظم)	سچل سرمست	۱۹	
ڪافيون (نظم)	سچل سرمست	۲۰	
ساقي نامو (نظم)	سچل سرمست مترجم عطا محمد "حامي"	۲۱	
درازن ۾ هڪ رات	هري "دلگير"	۲۲	
شهنشاه ـ دراز	نوازعلي "نياز" جعفري	۲۴	
بالغن جي تعليم	منوهرداس ڪوڙومل	۲۵	
هيلن جو اقتصادي حالتن تي اثر	محمد حسين ترڪ	۲۸	
الحمرا جي آڪاڻي	الحاج سيد ميران محمد شاه	۳۰	
طوفان اچي ويو !	نذر الاسلام مترجم مغل نياز	۳۵	
ٻڌيءَ جون ٻاڪون (نظم)	ولي محمد "سخي"	۳۶	
ذڪر ياد هرگز (نظم)	"سالڪ المولي"	۳۶	
گيت ۽ بيت (نظم)	ستمگر "سنڌي"	۳۷	
وڏي ٻير جي وٽ (افسانو)	رشيد آخوند	۳۸	
تلاش (ادب لطيف)	ثريا ياسمين	۴۲	
پڪار (نظم)	خواجه سليم	۴۲	
ساگر جي لهرن تي (افسانو)	شيخ حفيظ	۴۳	
اشتهار ـــ	اشتهار ڏيندڙ	۴۶	

تصويرون

الف ٽائيٽل :ـ	سچل سرمست جي روضي جي اڳيان	۱
	پاڪستان ۾	۲
	رعيتي راج جي ڏينهن تي	۳
	ڪنول جا ڦل	۴
ب اندريون :ـ	سچل جي آخرين آرامگاه	۱
	مهراڻ جي ماڻريءَ ۾ پرت جو هنر	۲+۳
	پاڪستان ۾ بالغن جي تعليم	۴

(نوٽ) ڇاپائيل صفحن تي پروفن جون ڪون رهجي ويون آهن جي مهرباني ڪري درست ڪري پڙهندا . (۱) غلط ـ بچل ، صحيح = پريل صفحو ۴۱ سٽ ۱۶ (۲) غلط ، اج ، صحيح = راج صفحو ۴۲ سٽ ۲۰ ڪالم ۲ (۳) غلط هجي، صحيح = هجي سٽ ۲۱ (۴) سٽ ۲۳ غلط ـ ڪالم ۱ ٻڏل = صحيح ٻڏل .

پاران ايم ايڇ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.
Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

گالهه پولهه ـ (سنڌي ادب جي رفتار)

۳۹ تاريخ خلافت راشده (سنڌيءَ ۾)

هيءَ ڪتاب ابو بڪر شبلي ۽ نصيرالدين انصاري جو ترتيب ڏنل آهي ۽ ”عجائب اسٽورس فريئر روڊ سکر طرفان ڇپايل آهي. ڪتاب جئن پاڻ ۾ ورهايل آهي. (۱) صديقي دور (۲) فاروقي دور (۳) عثماني دور ۽ (۴) حيدري دور. اهي چارئي دور ۳۳۸ صفحن تي پکڙيل آهن. پنو اوچو ۽ ڇاپي سٹي جلد پڪو ۽ دست ڪور سهڻو. ڪتاب جي منڊ ۾ انهن ڪتابن جا نالا ڏنا ويا آهن، جن مان هيءَ ڪتاب ترتيب ڏنو ويو آهي. ڪتاب جي ترتيب چگي آهي، مگر پولي وڌيڪ سولي ۽ سليس هجڻ گهرجي ها، ته ڪتاب وڌيڪ ڪارائتو ٿئي ها. جيئن ڪتاب جي مهاڳ ۾ چيو ويو آهي ته، تاريخ ”خلافت راشده“ جي ترتيب ۾ خاص ڪري سنڌ يونيورسٽيءَ جي شاگردن جون ضرورتون ته پيش نظر آهن ٿي تڏهن به هن ڪي عام ماڻهن لاءِ به ڪارآمد بنائڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي. قيمت ٿي روپيا اٺ آنا ملڻ جو هنڌ:-
”عجائب اسٽورس، فريئر روڊ، سکر.“

۴۰ رسول مقبول

هيءَ ڪتاب مولوي امير حسن نوراني جي ڪتاب ”الله کے پيارے“ جو سنڌي ترجمو آهي. اهو ترجمو جناب ماسٽر حبيب الله مولابخش اسٽنٽ ٽيچر گورنمينٽ هاءِ اسڪول شڪارپور جو ڪيل آهي ۽ ڇاپائيندڙ ”انوار بڪ ڊپو، فريئر اسٽريٽ، صدر ڪراچي“ آهي. پنو وڇولو، ڇاپائي ليٿو ۾ ڇڻي، پولي سولي. هارن جي سمجهه جي مطابق. قيمت اٺ آنا صفحا جملي ۶۴ ڪتاب جي نالي مان پڌرو آهي ته هن ننڍي ڪتاب ۾ پاڻ سڳورن جي حياتي پاڪ جو بيان ڏنل آهي. ٽائيٽل سهڻو ۽ رنگن ۾ ڪتاب جي مٿان نظر وجهندي ائين معلوم ٿيندو ته جڻ ڪو اردو ڪتاب آهي، پوته ڪتاب جو اردوءَ وارو بلاڪ ٽائيٽل تي ڪم آندو ويو آهي. نه معلوم ڪتاب جو سنڌي نالو ٽائيٽل تي چو نه ڇاپيو ويو آهي. ان کان سواءِ جيڪڏهن ڪتاب ٽائيپ ۾ ڇپجي ها ته وڌيڪ سهڻو لڳي ها. اميد آهي ته ايندڙ اشاعتن ۾ انهن گهالهين ڏانهن ڏيان ڏنو ويندو.

۴۱ جهان آرا (ناول)

سنڌي هوليءَ ۾ جيڪي سڀ ناول اڄ تائين لکيا ويا ۽ ڇپيا ويا آهن، تن مان جهان آرا ٻه هڪ آهي. هيءَ ناول جناب عبدالرزاق عبدالسلام ايم. اي، ايل. ايل. بي جو لکيل آهي. ناول طبعزاد آهي.

محترم مصنف هن ڪتاب جي ديباچي ۾ لکي ٿو ته ”هيءَ جهان آرا ڪا سچي پچي لطيف مالهيءَ جي ڏيءَ ڪانه آهي ۽ جيڪي ٻه ماڻهو هن افساني ۾ آيا آهن، اهي ڪي سچيون هستيون ته ٿوريون ئي آهن، اهي سڀ سنهنجي دل جي رونق آباد جا باشندا آهن ۽ نه ڪنهن ٻي ولايت

جا، دل ۾ خيـــال آيو تہ کنهن ڏينهن انهيءَ ڏاڙيءَ جي رهاکن جو قصو دوستن جي خدمت ۾ پيش ڪيان. گهڻن دوستن ۽ ترغيب ڏني تہ کو ناول لکان."

ڪتاب ۱۶۰ صفحن تي پکڙيل آهـــي، پنو اوجو، ڇپائي صاف، پکي جلد سان سينگاريل ۽ سهڻي گيٽ اپ سان.

هي ناول اول اول ۱۹۳۱ع ۾ ڇپيو هو تنهن کان پوءِ پيرو "سنـــڌي ادبي بورڊ" تاڪ چاڙهي حيدرآباد" پاران ڇپيـــو آهـــي. "ناشر طرفان ٻہ لفظ" ۾ هن ڪتاب جي ٻي چاپي جو مقصد هي ٻڌايو ويو آهي تہ، "سنڌي ادبي بورڊ، هڪ بنيادي مقصـــد پنهنجي سامهـــون رکيو آهـــي تہ پنهنجـــي هوليءَ جا پراڻا ڇپيل ڪتاب، جنهن عزت ۽ احترام جي لائق آهن، تنهن عزت ۽ احترام سان ٻيهر ڇپائي شايع ڪيا وڃن تہ جيئن سنڌي ادب ۾ انهن ڪتابن جي هڪ دائمي حيثيت باقي رهي سگهـــي." انهيءَ سلسلي جا "سنڌي ادبي بورڊ" هيل تائين هيٺهان ڪتاب ٻيهر ڇپائي. سنڌي ادب ۾ واڌارو ڪيو آهي. "گل شڪـــر"، "سير ڪوهستان"، "حيات الغبي"، "بلو ڪوڪـــر"، "گل ڦل" ۽ "آفتاب ادب" عرف "ساهت جـــو سج" اسان سنڌي ادب جي سڃڻ کي پر زور گذارش ڪنداسون تہ سنڌي ڪتاب خريد ڪري پنهنجي هولي جـي واڌاري ۾ ٻهرو وڻو. ڪابہ هولي ان وقت تائين نہ وڌندي، ويڃهندي، جيستائين ان جي ڪتابن ۽ رسالن جي عام جام سرپرستي نہ ڪبي آهي.

۴۲. گل ڦل — هيءَ ڪتاب سرڳواسي ڀرمانند ميوارام جو ترتيب ڏنل آهي. حيدرآباد سنڌ جي مشهور اخبار "جوت" (۱۸۹۶ع کان ۱۹۳۸ع تائين) جي چونڊ مضمونن جو مجموعو ٻن ڀاڱن ۾ ڇپرين ڇپري ۱۹۲۵ع ۾ "گل ڦل" ڀاڱو ڇپريون ڇپيو هو ۽ ٻيو حصو ۱۹۳۶ع ۾ ڇپيو هو. ان کان پوءِ هينئر ٻئي ڀاڱا گڏي "سنڌي ادبي بورڊ" هڪ ٿي جلـــد ۾ ڇاپيا آهن. سنڌي ادبي شاهڪارن مان هيءَ ڪتاب ۽ هڪ سمجهو وڃي ٿو. هن مجموعي ۾ ۱۲۳ ننڍا وڏا مضمون، افسانا ۽ آکاڻيون ڏنل آهن. هيءَ مجموعو ۳۷۷ صفحن تي پکڙيل آهي. پنو سٽو، ڇپائي چڱي ۽ گيٽ اپ اعليٰ. پکي جلد ۽ رنگين ڊسٽ ڪور سان سينگاريل. قيمت في ڪابي چار رپيا آهي، جا هڙي ادبي سوڪـــڙي لاءِ گهاوڙيڪ نہ آهي. هن ڪتاب ملڻ جو هنڌ: "سنڌي ادبي بورڊ" تاڪ چاڙهي، حيدرآباد (سنڌ)

۴۳. انمول موتي — ايوان ادب ساڪري طرفان ڇپيل "صمصام" ساڪروي جو لکيل آهي. هي ڪتاب ۳۵ صفحن تي پکڙيل آهـي. هن ڪتاب جا مضمون اڳ ۾ ٿي روزاني "نواءِ سنڌ" جي آرتواري اشاعتن ۾ ڇپيا هئا. مصنف انهن کي سهـــڙي ڪتاب جي شڪل ۾ پڌرو ڪيو آهي.

قيمت ۰-۸-۰. اشاعت جو سال ۱۹۵۵ع آهي.

۴۴. اسلام حقيقي — جملي صفحا ۳۸، پنو سادو، ڇپائي چڱي. اشاعت جوسال ۱۹۵۵ع قيمت لکيل ڪانهي مصنف خواجہ محمد هاشم لعل محمد

۴۵. ظهور ۽ مظهر حقيقت ۽ شريعت — جملي صفحا ۲۸، پنو ۽ ڇپائي چڱي. مصنف خواجہ هاشم لعل. قيمت جي بجاءِ هي اکر لکيل آهن تہ، "پڙهي غور ڪيو."

(ڏسو صفحو ۴۵ تي)

گلهاڻ آڏواڻي

سچل جو تمثيلي ڪلام

"چوڙ افلاڪ زمين تي آيا، عرش ڪرسي وچ مين نه سمايا."

اسانجي سنڌي شاعرن پنهنجي روحاني مشاهدن کي سمجهائڻ ۽ خدا جي هستيءَ کي ثابت ڪرڻ لاءِ نهايت سنهڙا ۽ سليس استعارا، تشبيهون ۽ مثال پڻي پيش ڪيا آهن. سچل جي ڪلام ۾ حيرت جو اظهار گهڻو آهي. "ڪريان اسرار مان ظاهر، هئي حيرت ۾ حيراني" هو صاحب پاڻکي ورور ڏيڻي سلطان ٿو سڏي ۽ اسانکي به آگاهه ٿو ڪري ته اسين شاهه آهيون پر پنهنجي اصليت پلجي وڃي گدائيءَ کي رسيا آهيون. عروج جي حالت ۾ سچل شهنشاهيءَ جو نعرو ٿو هڻي، پر "مان چا آهيان؟" جو مسئلو اهڙو گوڙهو آهي، جو سچل به عبرت ۾ پلجيو وڃي * اهڙي حالت ۾ ڪن تمثيلن وسيلي انهيءَ حيرت جو اظهار ڪري ٿو. سندس تمثيلي ڪلام ۾ عجيب موج مستي آهي.

عمر خيام وانگر سچل پڻ خداءَ کي هڪ بازيگر ۽ انسان کي پتلي سان تشبيه ڏني آهي.

" بازيگر جي باز پيڙس، ڪوئي چاڻي خبردار
پتليءَ جي تند هڪ تهيندي، آپ نچائڻ هار".

سچل کي مثال اهڙا ٿو ڏئي جن ۾ اصليت جي خوشبو آهي. هوڪي پيچيدا ۽ دقيق مثال پيش ڪري ۾ نهايت سولا ۽ دل کي وٺندڙ. انهن جي خاص خوبي اها آهي ته اهي سنڌ جي حالتن مطابق آهن ۽ سنڌ جا عام ماڻهو انهنکي آسانيءَ سان سمجهي سگهن ٿا. هو چوئي، "يا پتليءَ آهيان جنهنکي هڪ بازيگر ڏور وسيلي ٿو هلائي ۽ نچائي يا ته ڪو لاڻون آهيان جنهنکي حقيقي محبوب جو هٿ ٿو ڦيرائي، يا آهيان ڪو رنگ محل جنهن ۾ هڪ شهنشاه براجمان آهي ۽ عجيب هوليون ٿو هولي، يا هڪ گهوڙو آهيان جنهنجي واڳ دائودي سوار جي هٿ ۾ آهي يا آهيان لهر سمنڊ جي، جا ائل کائي هوڙان هوڙ ٿي ڪري، يا ميندي ۽ جو گل آهيان جنهن ۾ عجيب سرخي آهي، يا آهيان گلاب جو گل جنهن ۾ خوشبوءِ آهي يا ته ڪو چشمو آهيان جنهنکي بادل جي آب تار ڪيو آهي ۽ جنهن ۾ سج جو اولڙو پيو پوي، يا ته چنڊ جي چانڊاڻ آهيان يا ته ماڳهين آهيان خدا جو پاڇو، درحقيقت هيون سڀ گالهيون فضول آهن، چو ته مرشد وٽان به اهو راز ملیو آهي ته سواءَ سچ جي هيءَ ڪنهن به شيءَ کي هستي نه آهي، هن کان سواءَ هيءَ ڪنهن به چيز کي وجود نه آهي."

سچل پنهنجي حيرت کي ظاهر ڪرڻ لاءِ طرحين طرحين مثال ڏيڻي وڃي ٿو اصل ته اهي: جي، "انسان ۾ حق جوئي نور آهي" خاڪ جو پتلو انسان هليئو، خدا جي طاقت ته. انسان کي جوڙيو به پاڻ اٽس هلائي به پاڻ ٿو، پاڻ کي پاڻيهي پيو هلائي. درياه به پاڻ آهي ته سمنڊ

* انهي عبرت جو اظهار سيني عارفن ۽ عالمن ڪيو آهي. شاه فرمائيئو :-

"عاشق ٿي اوچون ٿئي پورو ڪين پڄي"
"حوصلو حيرت ۾ وڃي ٿيو ويچون."

ٻ ٻاڻ، گلاب جو گل ٻ ٻاڻ آهي تہ انجي خوشبو ٻ ٻاڻ اندر ٻ ٻاڻ، سچ ٻ ٻاڻ ۽ چنڊ ٻ ٻاڻ!"

"ٿي آهيان ڪاڪيون ڪهڑي جا سمجهي نہ چاڻان!
بعض آهيان پتلي يا آهيان گڏيءَ ڏور،
يا گوءِ آهيان هٽ يار جي يا وانگيءَ وانگر زور!
يا تا محل آهيان جنهن ۾ شاهنشاهه،
هوليون ڪري ڪيترين، ٿو درونئون داناه!
يا تا گهوڙو آهيان جو هلائي هسوار،
يا تا موج درياه جي جا هوڙي ٿي پاهار!
يا تا ميندي گل تا آهيان جنهن اندر لالائي،
يا تا آهيان گل گلاب جو جنهن سر ۾ سر هائي!
يا تا چشمو آهيان ابر ۾ريو آب،
تنهن ۾ سايو سچ جو يا پاڇوئي مهتاب!
يا تا پاڇوئي حق جو آءٌ اصل ڪون آهيان،
جنهن ۾ ڪاڪاهه نانهه تا سو پي تا ناهيان!
ڪاڪاهه "سچو" تا سمجهي ڪون هادي اهائي،
تا غير خدا جو ناهين آهي صاحب سدائي!"

مالڪ، عميق بي پايان | خداءَ بي انت ۽ عميق آهي، جنهن جولان ۾ اچي، ڪائنات جون لهرون ۽ حباب ڪڙا ڪيا آهن.

"موج مستيءَ جي چڙهي، وادي‌ءَ وحدت جي منجهاءِ، ــ ڪيو پسارو پيل پاڻيءَ، جوش مان هر جاءِ بجاءِ." اصل ۾ صاف ۽ اوجل جل آهي. هر لڙ ۾ اڇي سياه سفيد ٽيو آهي. بيرنگ خداءِ رنگن جي صورت ۾ نمايان ٽيو آهي. ظاهريءَ ريت پاڻيءَ جا لک لباس پيا ڏسجن، ۽ پاڻي پاڻ هڪ آهي. واهڙ، نهرون ۽ ندين، نيٺ سمنڊ ۾ سمائجي، سمنڊ سان هڪ ٽيو وڃن. جيڪڏهن ڪائنات تي اونهي نگاه وجهبي تہ معلوم ٿيندو تہ سڄي ڪائنات حق جي رنگ ۾ رڱي پيئي آهي.

"آيو بحر جوش ۾، تڏهن موج پٽي پاهار ميان،
هي هي آيو نانؤ ۾، سانوڻ جو سينگار ميان.

لڙ سنجهون ٽيو اچو ڪارو، اصل سودرياه ميان،
بيحد رنگ گهٽا ٽيا پاهر، ڪير ٽيو گمراه ميان.
سانوڻ لئو هڪ ٿي، تڏهن پاڻي موٽيو پوءِ ميان،
ڪارو اچو لڙ ٽيو، اهو سارو سمنڊ‌ءِ ميان.
نانؤ لهي ويا پاهريان، اهو باقي رهيو نام ميان،
ڪوڙان ڪسان واهڙان، هت ڪاي ٽيا گمنام ميان.

ڪامل شخص، سچا موتي | ڪامل شخص انين آهن، جيئن عميق ۾ اصلهه ماڻڪ ۽ موتي باقي جو جنسار ڏسجي ٿو، سو رڳو لڙ آهي. ڪي اهڙا ٻ انسان ٿي گذريا آهن جسم ڪي دلق ڊڪائڻ فقيري ناهي. باهريون پوش هڪ دولاب آهي. سچل جهڙا سچا سالڪ، فريب ۽ ريا ڪي ترڪ ڪري (دلق ڪي درياه ۾ اڇلي) هن ساگر روپي سنسار ۾ صاف ۽ پاڪ ٿي ٽا رهن. باقي عام ماڻهن جي ساري زندگي "هاءِ هاءِ" ۾ ٿي گذري ۽ فضول ٿي وڃي. "هاءِ هي حلاج جان، ڪيئي لعل هن لڙ ۾ لڙهيا، هارهن آيا آهي، جي گهوٽ هن گهيڙون گهڙيا. ڪي ٽپي ڏيئي ڏسو، پاتال منجهه ٻڏي ويا، ڪينڪي عاشق آهي، ٻڇڙ واري باهر پيا. غرض ٽيا غازي آتي، ڪن عام ٻيٽا هاءِ هاءِ، آءٌ لڙهي آيس آتي، جاتي رتي ناهي ريا. دلق ڪي درياه ۾ اڇلن بهادر بي بها، صاف ٿي نڪريا "سچو" سي، صاف سالڪ جي هوا.

انسان جي چولي ۾ سارو عميق سمايل آهي، پر لهرن جي غوغاءِ ۽ واهڙن جي وهڪري ڪري هو ٻهنجي روح روپي ماڻڪ کان غافل آهي. ڪثرت ۾ رهي، هو وحدت پاجي ويو آهي:

"بوتي وچ منيءَ جي يارو، سارو سمنڊ سمايو،
چولن چرن واهڙن، لهرن لعل لڪايو."

انسان، بحر اعظم جو پکيڙو | سچل، انسان جي روح کي "بحر اعظم جو پکيڙو" ٿو سڏي. حافظ ٻ ٿو چوي تہ "آهيان

مان جنتي باغ جو پکي، ۽ اوچتو گرفتار ٿيو آهيان دنيا جي دام ۾. آسمان مان آواز پيا اچنس تہ آڏامي اڇ پنهنجي اصلوڪي اوج جي يادگيري ٿو ڏياري.
"بحر اعظم جو آهين پکيڙو، ونءِ آڏامي پوءِ تنهن ٻار."
سچل، بره يا عشق کي حافظ وانگر "بحر" ڪري ٿو سڏي. عشق جي موج اوچتو اچي ٿي عاشق جي اندر ۾ چڙهي تہ هو پوءِ جان ۽ جسم جي سڌ بڌ پلجي ٿو وڃي؛ اها مست موج اهڙي تہ "خوني" آهي، جو عاشق جي وجود کي بنه کپي ٿي وجهي؛ هيءَ سريئر روهي خاکي ٻيڙي انهيءَ عميق ۾ گم ٿيو وڃي. آخر ۾ سواءِ درياه جي ٻيو کي کين ٿو رهي.

عاشق، معشوق ۽ عشق ٽيئي هڪ ٿيو وڃن.
"ساهڙ سا سوهڻي، سائر ۾ سوئي." (شاه)
بحر بره جي موج کڙي ٿي،
ناگه تنهن سر آيا سي.
موج ٻموج برابر آئي، جان جسم جي سڌ نہ کائي.
ڪام نهنگ نياسي.
لهر لڙات منهنجي لڙ "لايو، تنهن تا هيءَ وجود وڃايو؛
خوني موج کنيا سي.
ڪارو نيار مڙيوئي قازم، تا تي جانُ نہ جسم نکو دم؛
ڇو هي ڇوني ڇڙ هياسي.
شه درياه تي اچانڪ آيس، مڙه سان تني لڙ لا بس؛
ٻيا سڀ غرض گنوايا سي.
سير سريئر ڪيو سڀ پاڻي، خاکي جسم ٿيو گم هاڻي؛
عينون عين ٿيا سي.
"سچو" نالو آهين ٻهانو، تون يگانو، نهين بيگانو؛
عشق معشوق ڪيا سي.

مطلب تہ سچل جي ڪلام ۾، سنڌو جي موج ۽ ويڑ چڙهيل درياه جي مستي ۽ جولان آهي. اهوئي عشق، جنهن کان حافظ ۽ سچل مستيءَ ۾ اچي جهولين ٿا، سو هڪ الاهي عنايت آهي، جا کنهن تي ۽ نازل ٿئي. حافظ ٿو چوي تہ، "عاشقي کا پنهنجي اختيار ناهي، ۽ الاهي قدرت طرفان هڪ سوغات آهي."

سچل ٻہ ساڳي گاله ٿو ڪري: "عشق هڪ الاهي، ذات آهي ۽ نہ آها جيز، جا پنهنجي اختيار هجي. ڪڏهن کنهن پنهنجي هٿ سان ڪو بادل پکڙي پنهنجي مٿان مينهن وسايو آهي! يا کنهن پنهنجي هٿ سان هيرو جوڙيو آهي؟ "عشق عطا الاهي ملندا نهين کوئي کسب ڪمائدا،
ڪر تا کنهن هٿ نهين آندا، سر تي ابر وسائدا،
مين ٿا کنهن تون مول نہ سٽيا، هيرا هٿ نهاوڏا.

دانا پکيءَ جو ڪم آهي پاڻ کي مالهيءَ جي گوڙهن کان بچائڻ سچيت انسان آهو آهي، جو دنيا جي ترشنائن کان پاڻ کي بچائي. افسوس جو هو پنهنجو حقيقي ورثو وساري، دنيوي وستن جي پٺيان پيو پنهنجي جان ڳاري "سچل" انسان کي هدايت ٿو ڪري:
پکيڙا تون سنياڻين، آپ گوڙهي کنوڻ بچاڻين؛
ڏکيا سکيا ڏينهڙا ٻئا آکيري جا لين؛
داڻي ڪاري سنگ تي، کيوڻ آپ کوڻ بچاڻين؛
جي مين کنون پچين ڳالهڙي، تا اوڏانهي نا هالين،
"سچو" حرفين حرصين والي، آپ کنون تون والين.

انسان هڪ سوداگر

سچل شاه وانگر، انسان کي سوداگر جو ويس ٿو ڏهرائي. انسان، غيبي ولايت جو سوداگر آهي، جو پاڻسان مشڪ عنبر، عطر ۽ ماڻڪن ۽ لعلن جو وڪر ڪڻي هن دنيا جي بازار ۾ آيو آهي پر هتي اچڻ سان گوهرن ۽ ياقوتن سان ياڪي ٿي وڃي ڪائي ۽ شبهي جي ۾ اڙيو آهي. سچل انسانکي ان غفلت سان هوشيار ڪري ٿو.

سڻ ڙي سوداگر تون تان آئين وٽي هٽ سوڏو ڪڙو
هٽئون آڻي هٽ کيئن لکائين، ڪٽي مشڪل عطر
هو کو هٽ ٻيو کيهو گهمائين، ڪري تا گم گهر
ڏهڙي جواهر جي هٽ تا کنهن سان کيئن ڪان خبر.

سچل جو سودو صرف، "پيار ۽ محبت" آهي، ٻيو سڀ ڪچ ۽ ڪوڙ.
وڃ وره جو ٿئي موتي لعلان، ٻي گهور ساکيم گهمائين،
سودو سچ جو آهي سچو هي، ڪوڙ ڪنگڻ ڪچ ڪائين.
(ڪليان آڏواڻي جي ڪتاب "سچل" تان ورتل.)

مولوي محمد صادق . راڻي پور

سچل سرمست — سنڌ جو منصور

اسم مبارڪ عبدالوهاب، تخلص "آشڪار"، "خدائي"، "سچل" ۽ "سچو"، نسباً فاروقي مشرباً سوني قادري ۱۱۵۲ هجري مطابق ۱۷۳۹ع ڪوٽ دراز شريف ۾ ڄائو هو. انهيءَ سال نادرشاه ايراني دهلي فتح ڪري سنڌ کي اچي والاريو هو. جڏهن ميان نورمحمد صاحب ڪلهوڙو ۱۱۶۵ هجري مطابق ۱۷۵۲ع ۾ وفات ڪئي هئي، انهيءَ وقت سنڌ جي هن مايءَ ناز قادرالڪلام شاعر جي عمر ڇوڏهن سالن جي هئي ۽ مهان غلام شاه ڪلهوڙي جي وفات وقت سندس عمر ويهن سالن جي هوندي. "سچل" سائين اڃان ننڍپڻ ۾ ئي سندس والد ميان صلاح الدين (رح) وفات ڪري ڪيس داغ جدائي جو ڏنو پوءِ سندس چاچي حضرت خواجه عبدالحق (رح) انهيءَ ڪيس پنهنجي زير سايه تعليم ۽ تربيت ڏني. پهرين حافظ عبدالله (رح) وٽ ڪيس قرآن شريف ياد ڪرايائون. جنهن سال ۱۲۳۲ هجري ۾ وفات ڪئي انجي قبر قبي شريف جي اڳيان آهي جنهن تي "سچل" سائين جي چيل تاريخ وفات ڪاشي جي سر تي لکيل آهي.

خادم صاحبان اهل الله محرم راز عارف الله
عرف اهل قريش صديقي واصلي بحر ذات الا الله
جستم ازعقل سال - تاريخش گفت از اسم حافظ عبدالله

۱۲۳۲ھ

ان کان پوءِ ڪيس سندس چاچي ۽ مرشد خواجه عبدالحق (رح) پاڻ فارسي ۽ عربي جي تعليم ڏيئي فارغ التحصيل ڪيو ۽ ان سان گڏ تصوف معرفت طريقت جي تڪميل ڪرائي خرقهءِ خلافت ڏيڪائينس، جنهن ڪري ڪيس خلفو ڪوئيندا هئا ۽ هي مشهور آهي ته ڪيس سندس مرشد سچو ۽ سچڏنو ڪري سڏيندا هئو ۽ انهي ڪري ڪيس اهو نالو ڏاڍو پسند هو، انهي ڪري سنڌي زبان ۾ "سچو"، "سچل"، "سچڏنو" تخلص اختيار ڪيائين. سندس مرشد ۱۲۱۴ هجري ۾ وصال ڪيو. پاڻ سنڌن تاريخ وفات جو هيٺيون قطعو موزون ڪيائين جو هن وقت تائين سنڌن قبر شريف تي ڪاشي جي سر تي لکيل آهي.

مرشد-ڪامل حقيقت يار وارث- دين احمد مختيار
گوهر بحرانر واحد ليس في الدار غيره ديار
سال تاريخ اوست مظهرحق ميم ما و من از ميان بردار

۱۲۱۴ھ

جيئن سندس تذڪره نويس لکيو آهي، مثلا مرحوم مرزا علي‌قلي خان، ته "مرحوم ميرسهراب خان ۽ ميرر رستم خان تالپر سچل سائين جا بيحد متعقد هئا. سندس ٻي وقت ۾ درگاه شريف جو قبو پهرين ميرر رستم خان ٺهرايو جنهنجي تاريخ هيٺين ريت ڪنهن شاعر فارسي نظم ۾ موزون ڪئي.

واليءِ سنده ميرر رستم‌خان ابن سهراب خان‌عالي شان
صاحب ڪرم‌وصاحب‌وسعت راضي‌است‌دائما برورحمان
هست درگاه حضرت قادر بارگاه رفيع مثل جان
در برش خلعت مريدي‌شد برسرش قائم‌ست تاج شهان

او بنا کرد گنبد اخضر هست آن روضہ بهشت‌نشان
عام و خاصان جہ سایانند سر بمالند همچو صد خاقان
هست آن میرطالب‌المولیٰ داد اورا خدا بلند مکان
می‌کند هرکہ آستان بوسی هم مشکل بروشود آسان
سال تاریخ جستم ازهاتف گفت روضہ مقدس برهان

۱۲۲۵ھ

سون يارهين سنڌ ادبي ڪانفرنس ميهر ۾ هڪ مضمون موڪليو هو جنهن ۾ سنڌي زبان جي ترقي ۽ بقا جي لاءِ هيءَ رٽ ۽ ڀاڻ ڪئي هيم تہ سنڌ جي قديم شاعرن جو ڪلام سنڌ جي ڪنڊ ڪڙ ڇ مان هٿ ڪري سندن سوانح حيات ساڻ گڏ سندن نثر ۽ نظم جي خوبين تي لکجي تہ انهن پنهنجي پنهنجي دور ۾ سنڌي ٻولي ۾ ڪهڙيون ڪهڙيون نزاڪتون جدتون پيدا ڪيون. انهيءَ اهم ڪم جي لاءِ سنڌ جي اهل قلم ۽ اصحاب سخن فاضلن جي هڪ ڪميٽي ٺاهي وڃي، جنهن جو سيڪ ڪان ٻهريون فرض ۽ ڪم هيءَ ٿيڻ گهرجي، تہ شاهہ ڀٽائي (رح) کان پوءِ سچل سائين (رح) جي رسالي (ڪليات) کي سنڌ جي گوشي گوشي مان هٿ ڪري پروفيسر گربخشاڻي واري شاه جي رسالي جي ترتيب تي لکي چاپيو وڃي، چو تہ ڀٽائي بادشاه (رح) کان پوءِ سچل سائين(رح) ئي وڏو شاعر ۽ ولي ٿيو آهي ۽ جنهن ڀٽائي ڏئي (رح) جي تقليد ۽ تتبع تي، سسي پنهون، عمر ماروئي، مومل راڻو، سهڻي ميهار، هير رانجهو، تماچي ۽ نوري سنڌي ۾ بيت چيا آهن ۽ ڪافين جا درياهائي ڇڏيا آهن ۽ هر هڪ بحر ۽ وزن ۾ ٿي مصرعيون چو مصرعيون ڪافيون چيون اٿس جن ۾ تصوف - وحدت وجود جا عجيب اسرار ۽ رمزون بيان ڪيون اٿس ۽ درد ۽ سوز جا دونهان ڪڻي چڏيا اٿس جو ٻاڻ وڏو صاحب - درد عاشق هو. جيئن چيو اٿس.

"دلم پر غم پريشان ز اشتياقش
ز دردم شير داده دايه ما

بيتن ۽ ڪافين کان اڳتي وڌي سنڌي زبان ۾ سي حرفيون، مداحون، مولود، مرثيہ ۽ چيا اٿس جنهن اهل دل سخن شناس، سندس رسالي جو غور سان مطالعو ڪيو آهي، اهو آساني سان هن نتيجي تي پهچندو تہ حضرت ڀٽائي کان پوءِ هن بي نظير شاعر کيئن نہ سنڌي زبان کي غير مانوس، ثقيل اوپرن لفظن کان پاڪ صاف ڪري سينگاريو آهي ۽ سندس ڪلام جي بيهڪ، ترڪيب، نفاست سولائي، ربط، تناسب، توازن حيرت ۾ وجهندڙ آهي جنهن لاءِ ڪنهن ۾ فرهنگ ۽ حاشيہ جي ضرورت نہ آهي.

تون آهين صاحب صورت جو، هي ۽ غلام تنهنجو،
آهي ذوق شوق مولیٰ مون کي مدام تنهنجو.
جي آهن اصل اوهان جا سي نا وسار جو ميان،
مون تي مقرر آهي سائين سلام تنهنجو.
راتيان ڏينهان روئان ۾ هينڙو اداس هڙو،
رهبر آلي رسايو پل ۾ پيام تنهنجو.
دلگير تون متان ٿئين ڪر دور درد کي ميان،
اول آخر اسان وٽ هوندو مقام تنهنجو.
رد ڪر فڪر فنا کي اميد وار ٿي رهہ،
هت هت يقين چاڻج آهي امام تنهنجو.
تون آهين اصل اسانجو آهيون اسين ۾ تنهنجا،
قبول ڪجو آهي "سچل" ڪلام تنهنجو.

(کافي) نروار چو نجومي، اڄ کي اچن ٿا.
سون هت نمائيءَ جو، پرين حال کو پڇن ٿا،
هن پار ڏانهن اچڻ جو، چو کي سڃڻ چون ٿا،
پرين آهين پنڌ ۾، کي نہ ويڙهي پنهنجي وسن ٿا،
"سچو جي سڏ لهڻ لاءِ، قاصد هيڏي کڻن ٿا،
(کافي) دل کي دوستن جون گهاليون گهارن ٿيون.
گهاليون گهڻن واريون، آهي هارڻ هارن ٿيون.
هو جي کيائون گجهه ۾، آهي معما نارن ٿيون.
"سچل" گهاليون دوست جون، نت مونکي مارن ٿيون،
پسڻ کارڻ اکڙيون، صاحب سارن ٿيون.
(کافي) تنهنجو درد اصل کان اختيار کيو سون.
تنهنجي سخن سچن تي اعتبار کيو سون.
کي ٿا پڇن پرين کي کرسي يا عرش مٿي،
تنهنجي اکين ۾ سهڻا عجب اسرار ڏٺو سون.
کي ٿيا تابع تجلي يا شعلہ - نور يارو،
اسان صورت هن ۾ تہ ديدار ڏٺو سون.
تنهنجو حسن ٻڌي جهانين سڃڻ يار سهي کيو سون،
تنهنجي سچي گهالهه هن تي اعتبار کيو سون.
"سچو" سگ - دروازه روز - ازل کان آهي،
پير عبدالحق جو پيزار کيو سون.
(کافي) آءٌ تہ روز روان ساريون سوڌا تنهنجون گهالهڙيون.
ٻڌي ورج ولهسا زور منجهان زاريون،
سڪ سندءَ کيون کيتريون جيءَ اندر جاهون،
راڻا رسڻ تنهنجي کوکان هت کاريون،
ويهي گهريان گهالهڙيون هنجهون هت هاريون،
جيکي جايون جيءَ ۾ وره تنهنجي واريون،
"سچو" سهندا سپرين هن عاجز جون آريون.
(کافي) ميندرا هت آءٌ ميان هت ويڻي کانگ اوڏايان.

تو ساريندي سپرين، هت سوڌا ساه ڏيان،
راڻا رتي رازجي، کسا جا آهه هنيان،
کامل کندي کاک جي، آءٌ جاني کيڻ جيان،
شال اوهان جو اڳتي، "سچو" نينهن نيان.
(کافي) چوندیس هلي حال هيءَ ٻڌي پيش پرين جي پاڻ.
توتان آهي ميندرا، کاک ساري قربان،
دل کي ديوانو کيو، هيکر تنهنجي پاڻ،
نامياڻ ڏسج ننگ ڏي، آءٌ تہ ٿيس اجاڻ،
آندم هيڪ عتاب جي، "سچو" پنهنجي جاڻ.
(کافي) مونکي کانڌ بنا هيءَ کاک
کوڙي آهي وو کاکيون!
سوڌل ٻاجهون سرتيون، سري ٿي مشتاق،
منهنجو ساه سڌير ٿئي اچي جي اوطاق،
سڪري آهي سون کان خاصي ٽٽ جي خاک،
تن "سچو" جو عشق تنهنجي، چيرو کيڙو چاک.
(کافي) روڻان زارون زار، مان مارن کي ملان.
ڏيان ڏوراپو کنهن کي، پري ٿيم پنهوار،
وٽي ويڙا پاڻ سان، منهنجو ساه سنگهار،
اٽم اهو آسرو اينـدم اجڙوار،
کندا مهڙ مليرڏي، رڻ چڏي ريڍار،
سو دم گوندر گذري، جودم آن ريءَ ڏار،
رکي ويڙيچا ويسا مون ٿي سرمسار،
راتيان ڏينهان اوڏهين "سچو" ساه سنيار.
(کافي) هلي هوڙي حال وڃي ڏوٽن کي ڏسان.
پيڪن مون پهچائين ٻـلا پنهنجي پال،
منهنجـو مارڻ ري جيئڻ آهه جنجال،
هوڙي وڇوڙي جي کنهن سان گهريان گهالهه،
"سچو" جي سريه ۾ مارن جي آهي مقال.

(ڪافي) سوسل راڻي تي چيل بيتن جو نمونو.

آءُ راڻا رنگ لاءِ، موڻي ڪاڪ ڪندن ڪي،
لاهج لڳ خدا جي ذرو پرزو زنگ،
نامياڻا پاڙ ننگ مٿين هاب متان ڪرين.
آءُ راڻا رکم راز مون هن نماڻي سان،
توکي ڪريان ڪيترو نامياڻو نياز،
جوڻي ڪيم ناز، تنهن مٿين هاب ڪري ڇڏيو.
(ڪافي)چڙهندي سانءُ چکي نه ٿو منهن ڏيکارج ميندرا،
آندو مونکي اتهين ڪنهين لاءِ لکي،
چاڙهيو مونکي ڏاڳهه تي تنهنجي عشق تکي،
مر ٻيو ڪو سرسکي، انهيءَ جي اولاڪ جو.
سوڍل سڪائي آءُ پڻ گهٽو آهيان،
راتو ڏينهان تنهنجي وات اٽم واڻي،
ڪر اهاڪائي، جو ڪارنهه لهه ڪاڪ تان.
اچين جي اوطاق منهنجي ميان ميندرا،
ته عين ڪان آجي ٿيان ڪو جوڻي ٿئي نه ڪاڪ،
مڙيئي مشتاق، تنهن جي ڏسڻ ٿي آهيان.
هيءَ ڏوهارڻ ڏاه تون ڏوليو ساري ڏٺ جو،
ڪامل تڪو ڪاڪ تي چڙهي ڪرهل ڪاه،
ڪاٽيون ڪنڊيون ڪاڪ جون هي لڳن باغن باه،
اهو مٺو مون تان لاهه، ڪا مهر پوڻي ميان ميندرا.
(عمر مارئي تي چيل بيتن جو نمونو)

ٻنهوارن پيغام جيڪر مڪا نه تڏهين،
جو مون ڪان اڄ پري ٿيا ويڙهيچا وريام،
تيلهان موڏي نه آيا سنگهارن سلام،
هٿا ملير مدام، پر ڪو سانگن اچي سانگ پيو.
ٿيا ٻنهوار پري آءُ ڪن ڪي ڏوراپا ڏيان،
انهن ٻاجهون مارئي تي ميان هت مري،
نيٽين خبر ڪري، ڪو اوڏي اباڻن ڪي.
پري ڏينهن بيان جيڪس سانگن ڪو سانگ پيو،
پڪا پانور ڪنڊين ٽرون ڏور ٽيان،
هوند ڏوراپا ڏيان، پر پهنوار پري رهيا.
پانور پاس پيا ڏوٽن وڏا ڏينهڙا.
ٽانڊر وڃي ٽر ۾ ٽريچا ٽيا،
لنگهي ملڪ ملير جو ويڙهيچا ويا،
عمر ايڏي پنڊ تي ڪهن سانگ نيا،
قادر شال ڪيا، مونکي ويچها واهٽين.
چاهون چڏائون نه چاٽان ملڪ ملهير جو،
پڪا پانور ڪنڊين نيٽين عمر اڏائون،
الي پهرا پاڪي انهن ريءَ آئو
ڪو موڻي اوڏاهون من ماڻهو ملڪ ملير جو.
مون جاليو ساڻ جن موڻي تن نه پڇيو،
حال هن جون خبران پيون هوندن ڪن،
پڪا پانور ڪنڊين توڙهيا اڄ تن،
ڏهان ڏوراپا ڪن، جو سنگهارڻي ساٿيه ٿيا.
ڏينهن آتي جا ڪي اڄ اچي مون ياد پيا،
پهون پهوارن جون صبح ويلي سي،
آڻيا اڇن آب لڻي مڻي آنهه آهي،
هٿا آڏل جهانگهي جي، تن سانگن ڪو سانگ پيو.
پڪا پانور ڪنڊين وينا جال هڻي،
اڳي پنهوارن پاڻ ۾ اهيا ڳالهه ڳڻي،
هت رتي رهڻ ناه ڪا چاڻي هڪ ڏڻي،
جا عادت زور ظلم جي آه حمير وڻي،
رعيت جي رنجائڻ جي ٽيس گهر گهٽي،
هاڻي برسر هي پڻي، سنگهارن تي سومرا.
(هلندڙ)

قريشي ۽ غالب لطيف

خواجا فريدالدين "عطار"

(سچل سرمست جو روحاني مرشد)

خواجا صاحب جو اصلي نالو محمد ۽ فريدالدين لقب هــو. نيشاپور ضلعي ۾ "کدگن" نالي هڪ ڳوٺ آهي اتان جو رهاڪو هئو. سندس والد ابراهيم بن اسحاق پساريءَ جو پيشو ڪندو هو. سندس ڪاروبار ڪافي مشهور هو. والد جي وفات ڪانپوءِ خواجا صاحب ڪارخاني ڪي زور وڌايو ۽ وڏيڪ رونق ڏياري. "رياض العارفين" ۾ لکيل آهي ته نيشاپور جا سمي ڪارخانا خواجا صاحب جا هئا. هڪ دفعي هو پنهنجي دڪان ۾ ويٺو هو ته هڪڙو فقير اچي دڪان جي اڳيان بيٺو ۽ دڪان جي ساز و سامان ۽ آرائش ڪي ڪافي دير تائين غور سان ڏسندو رهيو. خواجا صاحب ناراض ٿي فرمايو ته تو بيڪار پنهنجو وقت ضايع ڪري رهيــو آهين، پنهنجو رستو وٺ. فقير وراڻيو ته تون پنهنجي ڳڻتي ڪر منهنجو وڃڻ کو مشڪل نه آهي، ڏس آءٌ وڃان ٿو. ائين چئي آتي ٿي ليٽي پيو. خواجا صاحب اٿي ڏٺو ته سندس روح قفس عنصري کان پرواز ڪري چڪو هو. خواجا صاحب تي انهيءَ حادثي جو اثر ايترو قدر ته ٿيو. جو هڪدم پنهنجو ڪاروبار ختم ڪري ملڪيت خيرات ڪري ڇڏيائين ۽ فقير ٿي ويو.

بــر افسوس جو تذڪره نويسن خواجا صاحب جون پنهنجون تصنيفون نه پڙهيون آهن. سندس ڪتابن مــان معلوم ٿئي ٿو ته تصوف ۽ فقر جي ميــدان ۾ اچــڻ کان پوءِ بــه پنهنجــي قديم پيشي ۾ مشغول هو ۽ انهيءَ حالت ۾ اسرار و عرفان جي حقيقتن تي ڪتاب لکندو رهيو. "هيبت نامو" ۽ "الاهي نامو"، سندس قابل قدر ڪتاب، انهيءَ زماني جو تصنيف ڪيل آهن. پاڻ هڪڙي جاءِ تي فرمائي ٿو ته.

"هيبت نامه" کاندوه جهــان است
"الاهي نامه" کا سـرار عيان است
بـه داروخانه هردو کردم آغــاز
چو گويم، زود رستم زين و آن باز"

خواجه صاحب جي تصريحات مان هي پڻ معلوم ٿئي ٿو ته هو نه فقط پساري بلڪ طبيب به هو. سندس دواخانو ڪــافي زور شور سان هلندو هو روزانه پنج سو مريض سندس دواخاني ۾ ايندا هئا. خسرو نامه ۾ فرمائي ٿو:-

"بـه داروخانه پانصد شخص بودند
ڪه در هر روز نبضـم مي نمودند
ميــان آن همه گفت و شنيــدم
سخــن را بر ازين روے ندديدم"

هڪ جاءِ تي فرمائي ٿو:-

"بمن گفت اے بمعني عالم افروز
چنين مشغول طب گشتي شب و روز
سه ساله است اين زمانه تالب بر بستي
بر زهد خشک در کنجے نشستي"

حقيقت هيئن آهي تہ خواجا صاحب نديءَ ۾ ڪان ٻي درد آشنا هو. سندس والد قطب الدين حيدر جو مريد هو، جو مشهور مجذوب ٿي گذريو آهي ۽ ۵۹۷ھ تائين زنده هو. آنهيءَ وقت خواجا صاحب نديءَ ۾ ڪائنس فيض حاصل ڪيو هو. سندس تصنيفن مان معلوم ٿئي ٿو تہ ڪافي عرصہ تائين سير و سفر ۾ ڪيو اٿس. لسان الغيب ۾ فرمائي ٿو.

"چار اقليم جهان گرديده ام
سر بسر آورده بہ محبوبے عشق
سير کرده مکہ و مصر و دمشق
کوفہ و رے تا خراسان گشته ام
سيحن و جيحونش را ببريده ام
ملک هندوستان و ترکستان زمين
رفته چون اهل خطا از سوے چين
عاقبت کردم بہ نيشاپور جاے
اوفتاد از من بعالم اين صداے
در نيشاپور بہ کنج خلوتے
باخدائے خويش کردم و صدقے"

خواجا صاحب اگرچہ گهڻن بزرگن ڪان فيض حاصل ڪيو هو، پر جهڻ تہ دولت شاهہ لکيو آهي تہ "خرقۂ فقر" مجدد الدين بغدادي ڪان حاصل ڪيو هئائين. "رياض العارفين" لکيو آهي تہ مجدد الدين بغدادي، قطب الدين شاهہ جو خاص طبيب هو.

جنهن زماني ۾ چنگيزخان دنيا ڪي زير و زبر ڪري رهيو هو تنهن وقت خواجا صاحب نيشاپور ۾ هو. نيشاپور جي غارتگري ۾ هڪڙي مغل، خواجا صاحب ڪي پڪڙي قتل ڪرڻ ٻڌي چاهيو تہ هڪڙي ٻئي مغل چيو تہ هڪ هزار رپين جي عيوض ڪيس مون وٽ وڪڻي ڇڏ تہ آڪ ڪيس غلام بڻايان. خواجا صاحب فرمايو تہ مون کي ايتري قيمت ۾ فروخت نہ ڪجانءِ جو منهنجي قيمت تمام مهانگي آهي. هڪڙي ٻئي مغل چيو تہ ڪيس هڪ توپري گاهہ عيوض مون وٽ وڪڻي ڇڏ. خواجا صاحب گرفتار ڪرڻ واري مغل کي فرمايو تہ سونکي بيشڪ انهيءَ وٽ وڪڻي ڇڏ جو منهنجي قيمت انهيءَ ڪان ۾ گهٽ آهي. سندس اختلاف بياني کي هن مذاق سمجهيو ۽ ڪيس قتل ڪري ڇڏيائين. هو انهيءَ نقطي کي سمجهي نہ سگهيو تہ واقعي انسان ڪان ڪاشيءَ مهانگي ڪاڻ آهي نہ ٿي ڪائنس سستي شيءَ ڪا ٻي آهي.

مغل تہ خواجا صاحب کي قتل ڪري ڇڏيو پر سندس خون رائگان نہ ويو. مغل کي جڏهن سندس عظمت جو حال معلوم ٿيو تہ توبہ تائب ٿي سندس مزار جو مجاور ٿي ويهي رهيو ۽ مرندي دم تائين نہ چريو.

خواجا صاحب جون تصنيفون

خواجا صاحب جي تصنيفن جي تفصيل هيئين ريت آهي:- "اسرار نامہ" "الاهي نامہ" "هيبت نامہ" "جواهرالذات" "وصيت نامہ" "مختار نامہ" "منطق الطير" "بلبل نامہ" "حيدر نامہ" "گل دهرمز" "سياهہ نامہ" "نشتر نامہ" مختار نامہ" ان کان سواءِ غزلن ۽ رباعين جو ديوان ٻڌ آهي. سندس چيل شعرن جو تعداد هڪ لک کان وڌيڪ آهي. فقراء جي باري ۾ هڪ تذڪره لکيو اٿس جيکو "تذڪرة الاولیا" جي نالي سان مشهور آهي.

خواجہ صاحب جي کلام تي تبصرہ

صوفيانہ شاعري جا وڏا شاعر چار آهن "سنائي ، اوحدي ، مولانا روم ، خواجہ فريدالدين عطار." خواجہ صاحب جي عظمت انهيءَ سان ظاهر آهي جو مولانا روم هڪ هنڌ فرمائي ٿو تہ:-

ع "ما از پس سنائي و عطار آمديم."

هفت شهر عشق را عطار گشت
ما همان اندر خم يک کوچہ ايم

خواجہ صاحب تصوف جي باري ۾ جيڪي خيال ظاهر ڪيا آهن اهي حڪيم سنائي کان وڌيڪ دقيق نہ آهن پر صاف بياني قابل قدر آهي. هر قسم جا خيال اهڙي بي تڪلفي ، روانيءَ ۽ سادگي سان ظاهر ڪيا اٿس جو نثر ۾ انهيءَ کان وڌيڪ صاف ادا ٿي نہ ٿا سگهن.

آن سان گڏ قوت - تخيل ۽ اعليٰ درجہ جي اٿس. گهٽائي ٿي مضمون پيدا ڪيا اٿس ۽ جڪي اڳهر لکيل آهن انهن کي نئون جامو پهرائي اهڙي نموني لکيو اٿس جو بلڪل نئون مضمون پيو پائنجي.

مضمون کي سقراط ، فارابي ۽ بوعلي سينا جدا جدا طريقن سان ادا ڪيو. آهي تا هر خواجہ صاحب سندس صورت بلڪل بدلائي ڇڏي آهي. فرمائي ٿو.

"کاملے گفتہ است مي بايد بسے
عقل و حکمت تا شود گويا کسے
باز بايد عقل بے حد و قياس
تا شود خاموش يک حکمت شناس"

يعني هڪ ڪامل جو قول آهي تہ گهالهائڻ ۽ بامعني تقرير ڪرڻ لاءِ ڪافي عقل جي ضرورت آهي، پر خاموش رهڻ ۾ انهيءَ کان به وڌيڪ عقل جي گهرج آهي. مطلب تہ انسان جڏهن حد ڪمالیت کي رسي ٿو ، تڏهن هي نقطو سمجهي ٿو تہ مون ڪجهہ نہ سمجهيو آهي ۽ انهي سبب خاموش ٿي وڃي ٿو. انهيءَ خيال کي هڪ رباعي ۾ هيٺين ريت ادا ڪيو اٿس:-

مي پنداري کہ جان توانی ديدن
اسرار هم جهان توانی ديدن
هرگاهہ کہ بينش تو گردد بکمال
کوري خود آن زمان توانی ديدن

"وحدت الوجود" جو مضمون حد کان وڌيڪ پامال ٿي چڪو هو تاهم خواجہ صاحب کيس نئون رنگ بخشيو.

پرشد از دوست هردو کون وليک
سوئي از زهرهٔ اشارت نيست.

آخر ۾ خواجہ صاحب جا مشهور ۽ مختلف خيالن تي چمل شعر لکجن ٿا.

از برائے غريب خود، خود گشت
جلوه در قد و در قدم رفتار
تاب در زلف ، وسم بر آبرو
سرمہ در چشم ، وغازه بر رخسار
رنگ در آب و آب در ياقوت
بوي در مشک ، و مشک در تاتار
قسم باذني و قسم باذن الله
هردو يک نغمہ آمد از لب - يار

تو از دريا جدائي وين عجب بين
ز تو يک لحظہ اين دريا جدا نيست

در عشق چو من تو او تو من باش
يک پيرهن است کود و تن باش

خواجہ صاحب جو فلسفہ هيئين شعرن سان معلوم ٿيندو.

عبادت ۽ وحي جي حقيقت:-

روزہ حفظ دل ست از خطرات
پس بود با مشاهده افطار
حج چہ باشد ز خود سفر کردن
بہ کجا؟ جانب هدايت کار
وحي چہ بود هر انچہ در دل تو
سر زند از نتائج ـ اسرار

چندين در بستہ بي کليد است چہ سود
کس نام کشادن نشنيد است چہ سود
پيراهن يوسف ست يک يک ذرات
يوسف زميان ناپديد است چہ سود

ترا در راه يک يکدم چو معراجيست سوے حق
ز يک يک پايہ بر ترمی گزر چند انکہ بتوانی
گرفتم در بهشت ـ نسيم نتوانی رسيدن تو
ولے خود را ازين دوزخ کہ نقد تست برهاني

تو چون در بند صد چيزي، خدا را بنده چون گردي
کہ تو در بند هر چيزے کہ هستی بندهٔ آنی

عالم ـ حقيقت ، کفر ۽ اسلام ٻنهيءَ کان بالا تر آهي.

لب دريا هم کفر ست و دريا جمله ديندارى
و ليکن گوهر دريا ورائے کفر و دين باشد

نئين زندگي

انسان پر ٿي سڀ ڪجهہ آهي.

انچہ می جويند بيرون دو عالم سالکان
خويش را يابند چون اين پرده ازهم بردرند

بہ همين ديده بنگری ظاهر صورت ـ خويش را بصورت يار
هر کہ اين جا نديده محروم است در قيامت ز لذت ـ ديدار
"انا ليلے" بگو اگر مردے ورنہ چون ابلهان سری می خوار

وحدت الوجود :

جهان از تو پر و تو جهان نے
هم در تو گم و تو درميان نے
خموشی تو از گويائی تست
نهاني تو نے پيدائي تست
ترا با ذره ذره را بينم
دو عالم ثم وجہ الله بينم
دوئی را نيست زه در حضرت تو
هم عالم توئی و قدرت تو
نکو گوئے نکو گفتہ است در ذات
کہ "التوحيد اسقاط الاضافات"
خدا را جز خدا يک دوست کس نيست
کہ در خور و خدا هم اوست کس نيست
درين معنی کہ من گفتم شکے نيست
تو بے چشمی و عالم جز يکے نيست

(علامہ شبلي نعماني جي "شعر العجم" ٽان ترجمو ڪيل)

پروفيسر شيخ "راز"

سچل سائينءَ جي حضور ۾

عشق جا پروردگار!
اي درازي شاهه، سنڌ جي سر زمين جا شهسوار!
عشق جا ۽ حسن، جوش - جنون جا شهر يار!
تو ۾ ٻڌايون ٽي رمـوز - ڪائنات،
تو ڏنا افـلاڪ جـا رازو نياز،
تو ٻڌائي زندگيءَ پايندگيءَ جي شاهراه،
آشنا جنهن کان نه هٽـي ڪنهنجي نگاه.
اي محبت سـرمدي جـا يادگار!
جنهن کي پوشيده رکيو عبـداللطيف،
تنهن طريقت کي ڪيو تو بي نقاب،
تو ڪئي سـاري حقيقت آشڪار،
تو پياريو بي تحاشا معرفت جو ٽي شراب،
زندگي جو ڇڻ نکرجي پيو شباب،
ڇڻ چمن ۾ جهولينديءَ آٽي بهـار،
هر طـرف نغمه سـرائي ٽي وڻي،
هر طـرف مشڪل ڪشائي ٽي وڻي،
نور ۽ نغمي جـي محفل ٽي وڻي،
ڪيـف و مستـي جـو نـزول،
زندگي کان ٽي وڻي انسان جي ذات،
بي خبر ۽ بي نياز.
نئين زندگي
اي درازي ميڪده جا پاسبان!
حافظ و خيام جا پير - مغان!
اي مڪان و لامڪان جا رازدان!
سنڌ جي مهراڻ جا اي ناخدا!
قوم ويچاري ڪناري کان پري،
آ پريشان گـردش - گرداب ۾.
اي حيات - جاودان جي ڪاروان جا رهنما!
تو ڏنو ٽي جاودانيءَ جو سبق،
تو ڏنو ٽي پاسبانيءَ جـو سبق،
تو ڏنو ٽي زندگانيءَ جو سبق،
تو ٻڌائي معرفت جي شاهراه،
قوم ٻڪي راه کان بي راه ٽي،
آهي منزل کان پري.
اي "سچو" سائين حيات - جاودان جا شهر يار!
نور و نغمه جا خدا!
ٽي وڄي بارش شـراب - ناب جي،
نور جي نغمه جي بارش ٽي وڄي،
اي حرم - ناز جـا پروردگار!
عشق جا ۽ حسن جا، جوش - جنون جا تاجدار!

پروفيسر شيخ "راز"

سچل سرمست ـ منصور ثاني

منصور حلاج جو روح ٿن صدين کان پوءِ خواجه فريدالدين عطار جي ذات گرامي ۾ جلوه افروز ٿيو. منصور جي "نعرهءَ انا الحق" ۽ سندس "وحدت الوجود" جي نظريي جي خواجه عطار تشهير و اشاعت ڪئي. اسانجي سرزمين جي سرمست، انهيءَ منصوري شراب ناب جي، هن ملڪ ۾ دعوت عام ڏيئي، خواجه عطار جي مسلڪ جي تبليغ ڪئي، جنهنڪري ڪيس منصور ثاني چئجي تہ وڌاءَ ڪونہ ٿيندو. سچل سائين، خواجه عطار کان روحاني فيض حاصل ڪيو، فرمائي ٿو.

"اي دلا خوشبو ز شه عطار درجانم رسيد"

سندس والهاڻ عشق جو هيو مثال هيٺين شعر مان ظاهر آهي. جنهن ۾ پنهنجي روحاني مرشد جي وطن مالوف جو، انتهائي جذبي، شوق ۽ عقيدت سان ذڪر ڪري فرمائي ٿو

"اي صبا باما حقيقت شهر نيشا پور کن
ميکنم قربان بران خاک- زمين اين جان و تن"

سچل سائين، هڪ عالم باعمل ۽ قرآن ڪريم جو حافظ هو سندس پرورش انهيءَ خاندان ۽ ماحول ۾ ٿي جتي درس وتدريس جو دوره دوره هو، جتي شريعت ۽ طريقت جي اصولن جي پابندي سان تعميل و اشاعت ڪئي ويندي هئي. اهڙي گهراڻي سان تعلق رکندي، سچل سائين شريعت جون منزلون طيءَ ڪري، بتدريج معرفت الاهي جي درجي تي پهچي، 'هم اوست' جو نعرہ بلند ڪري مولانا روم جي هيٺين شعر جي باريڪ نڪتن تي عمل ڪري ٿو.

"آئينهءَ دل چون شود صافي و پاک
نقشها بيني برون از آب و خاک"

جڏن تہ امام غزالي (رح) فرمايو آهي تہ "انسان کي خدا تعاليٰ پنجن جسماني حواسن کانسواءِ هڪ روحاني حواس ۾ عطا فرمايو آهي" ۽ اهوئي روحاني حواس آهي جنهن سچل سائين جهڙي متشرع عالم کي 'ميزنم نعرهءَ "انا الحق" آشکار' جي سر الاهي جهونگارڻ لاءِ مجبور ڪيو.

اهو ساڳيو سر، اهو ساڳيو ترنم، اها ساڳي لئي، اهو ساڳيو نظريو، اهو ساڳيو جذبو ۽ جوش اهو ساڳيو جولان ۽ جلال، جيڪو صدين اڳ "منصور" جي ذات ۾ ڪارفرمايو هو، جنهن الوهيت ۽ هبوديت جو پردو چاڪ ڪري انهن جو امتياز مٽائي ڇڏيو، سو اسانجي سنڌ جي شهسوار سچل سرمست جي وجود ۾ جلوه افروز ٿيو، جنهن ڪيس 'بادشاهي چيست ليکن خود خدائي ميکنم' چوڻ لاءِ آماده ڪيو. عجيب شان و شوڪت ۽ بلند حوصلي جو مظاهرو ڪيو ويو آهي. جنهن نظريي کي سمجهڻ عظيم الشان شخصيتن پيش ڪيو، تنهن جو مختصر احوال هن ريت آهي.

اهو نظريو تصوف جي نالي سان مشهور آهي ۽ انهي عقيدي جي علمبردارن کي صوفي سڏيو ٿو وڃي. اهو لقب ٻي صدي هجري جي ختم ٿيڻ کان اڳ رائج ٿي چڪو هو. سڀ کان اول اهو

لقب ابو هاشم صوفي کي نصيب ٿيو هوجو ۱۰۰ هجري ۾ وفات ڪئي. تصوف لفظ جي اشتقاق متعلق ڪيترين خيال آرائيون ڪيون ويون آهن جن جو ذڪر ڪيترن محققن ڪيو آهي انهيءَ نموني تصوف جي حقيقت ۽ ماهيت ۾ ۽ گهڻو اختلاف آهي. ان باهت امام قشيري جا پيش ڪيل قول هن ريت آهن.

۱. حضرت ذوالنون مصري، 'صوفي' اهي آهن جن سڀ کجهه ڇڏي خدا کي حاصل ڪيو آهي.'

۲. حضرت جنيد بغدادي، 'جنهو مرڻ جيڻ فقط خدا تعالىٰ لاءِ هجي.'

۳. منصور حلاج، 'اهو شخص جنهنکي نه کوئي پسند ڪري ۽ نه هو ڪنهنکي پسند ڪري.'

انهيءَ نموني ٻين ڪيترن بزرگن پنهنجي خيال موجب تصوف جي منزلن مان ڪنهن خاص منزل جي تعريف بيان ڪئي آهي. تصوف درحقيقت، زهد و فقر ۽ ڪن ٻين خاصيتن جو مجموعو آهي. زهد و فقر جڏن وڌندو ويو تڏن روحاني وصفون پيدا ٿيندیون ويون. امام غزلي جو خيال آهي ته تصوف، شريعت وانگر ٻن شين جو مرڪب آهي. علم و عمل. پر تفاوت ايترو آهي جو شريعت ۾ علم ڪان پوءِ عمل پيدا ٿيندو ۽ تصوف ۾ عمل ڪان پوءِ علم پيدا ٿيندو آهي. القصه صوفين جا علوم دل کي صاف و شفاف بنائن ٿا. جنهن تي سموريون معلومات نقش ٿيو وڃن. جڏن مولانا روم فرمايو آهي.

"آن صفاييءَ آئينه وصف - دل است
صورت - بي منتها را قابل است"

منصور لاءِ متقدمين ۽ متاخرين جا رايا ڪجهه ۽ هجن ليڪن خواجه عطار پنهنجي عقيدت جا گل هنجي بارگاه ۾ چاڙهي سندس تعريف ڪئي آهي. ساڳئي نموني سنڌ جي سرمست، سچل سائين، منصور جي غيرمعمولي شخصيت کان وقت بوقت متاثر ٿي، استغراق جي حالت ۾ "روا باشد انا الحق از درختي. چرا نبود روا از نيک بختي" جو اعلان ڪيو آهي. اڃا وڌيڪ ڇڻي نموني پنهنجي سنڌي ڪلام ۾ پنهنجي عقيدت جو ثبوت پيش ڪري ٿو.

"اصل ڪون منصور جو انهيءَ ڪاٽيو ڪنڊ ڪٽوري
نشي منجهه نواز ٿي گهوريون هي سر گهوري"

الستي مئي جي خمار، هستي ۽ نيستي جون حدون مٽائي ڇڏيون. انهي نشي الوهيت ۽ عبوديت جو امتياز ختم ڪري ڇڏيو. جيڪڏهن هزار جانيون هجن تہ سڀ انهيءَ نشي جي خمار ۾ قربان ڪري ڇڏجن. اهڙي قرباني ڪري ئي زندگي جي معراج حاصل ٿئي ٿي. سچل سائين منصور کي انهيءَ شراب ناب جي خمار ۾ سرشار ڏٺو آهي. جنهن جي تصديق لاءِ ثابتي پيش ڪندي چوي ٿو.

"سچو سوريءَ سي وڃن جي سي ۾ ٽيا مدهوش"

شاعري زندگي جو آئينو آهي، زندگي جي تصوير آهي، زندگي جو نقش آهي جنهن سان زندگيءَ جي مختلف مسئلن جو جائزو وٺي سگهجي ٿو. "سوري ۽ مئي ۾ مدهوش" لفظن ۾ هڪڑي عظيم شخصيت جي، انهيءَ وقت جي ماحول جي نقشي ۽ تصوف جي فلسفي جي عڪاسي ڪئي وئي آهي. "سوري" ۽ "مئي" جي مختصر ٻن لفظن ۾ ڇڻ ساري ڪائنات کي سمايو آهي ۽ هڪ عظيم نصب‌العين جو اعلان ڪيو ويو آهي. جنهن شاعري ۾ تجربن ۽ جذبن جي نمائندگي هوندي،

انهيءَ شاعري مان شاعر جـــي نظريي ، عقيدي ، مقصد ۽ اصول جي پڌرائي ٿي سگهي ٿي. ميٿيو آرنولڊ چوي ٿو تہ "شاعر جي سڀ کان وڏي خوبي اها آهي جو هو پنهنجي خيالن کي زندگي سان نهايت خوبي ۽ صداقت سان ملائي ڇڏي." سڄل سائين پنهنجي نظريي ۽ مقصد کـي نهايت سنڌي نموني ۽ دياڪتداري سان پنهنجي شاعري ۾ جذب ڪري ڇڏيو آهي ۽ ظاهر آهي تہ سندس ڪلام باوجود گهيڻن پولين ۾ هڻڻ سبب ، پنهنجي مقصد جو علمبردار آهي ۽ اهوئي روح ، فارسي، سرائڪي ، اردو ۾ ٻ ساڳي نموني نمايان آهي جو سنڌي بولي ۾ ڪارفرما آهي. پنهنجي وڏي روحاني رهبر، منصور حلاج جو ذڪر ۽ منصوري مسلڪ جو اعلان واضح نمونـي سندس سرائڪي ڪلام ۾ جابجا ڏسڻ ۾ اچي ٿو.

"ويکو منصور کون عشقي ، ڪيتا سردار آويزي"

اڃا ٻ منصوري راز کي وڌيڪ ظاهر ڪري، مسئلہ "وحدت الوجود" جي پيدن کان واقف ڪري ٿو ۽ پنهنجي مرشد اعليٰ کي "نعره الاالحق" بلند ڪرڻ ۾ حق بجانب سمجهي پنهنجي حق ادائي جو ثبوت پيش ڪري ٿو.

"حق اناالحق ٿي چيو، ٻر منجهہ نظر منصور هو"

معرفت الهي جو ڪيڏو نہ مشڪل مسئلو آهي جنهن تي دفتر لکي سگهجن ، سڄل سائين انهيءَ ڪوڙهي مسئلي کي ٿورڙن لفظن ۾ ماپائي ، هڪ اهڙو انڪشاف ڪيو آهـــي جنهنجي اميد ، فقط ڪنهن غير معمولي شخصيت ۾ ئي رکي سگهجي ٿي. مٿين مصرعي مان اندازو لڳائي سگهجي ٿو تہ ڪهڙي ڪيفيت ۽ ڪهڙي حالت هيٺ اهڙي نموني جا لفظ نڪتا هوندا. برابر اهو استغراق ۽ بيخودي جو عالم هوندو. ورنہ هڪ ڪامل عالم ، هڪ باشرع حافظ ، اهڙي جرات ڪٿي ٿو ڪري سگهي. ڪيڏو پختو دليل ۽ ڪيتري حجت پيش ڪري ، "اناالحق" چوڻ واري منصور کي بي گناه ثابت ڪيو وبو آهـــي. هيٺين شعر پڙهڻ سان ڪنهن مست درويش جـي وجداني ڪيفيت اکين اڳيان اچيو وڃي. انداز بيـان ۾ ڪيترو زور ۽ مقصد کي خوش اسلوبي سان پيش ڪرڻ سڄل سائين جهڙي عظيم فنڪار جـوئي ڪارنامو ٿي سگهي ٿو.

ايتري حقيقت بيني ۽ حـــق شناسي ، ايتري جـرات جوش ، ايتري مستي ۽ ايتري مدهوشي ، دنيا جي ڪن ٿورن شاعرن ۾ ملي سگهي ٿي. دمـــاغ ۾ هڪ عجـــيب وغـــريب ، ڪيف ۽ لذت جي لهر ڊوڙي وڃي ٿي فرمائي ٿو :-

"جنهن دل پيتا مئيدا جام، سا دل مستون مست مدام،
سوليءَ ٿي منصور چڙهيا ، انا الحق ڪلام."

نہ فقط ايترو ، اڳتي هلي منصوري موج زياده عيان ٿئي ٿي ۽ منصوري درياه مستي ۾ اچي وڃي ٿو.

بي باڪي ۽ بي خوفي، جوش ۽ ولولہ، جنون ۽ مستي جو زنده ثبوت ملي ٿو. فلسفءَ "هم اوست" مسئلہ وحدت الوجود جو راز افشا ٿئي ٿو. سڀ ڪجهہ هو آهي جو نعره بلند ٿي وڃي ٿو. منصوري روح وجد ۾ اچـــي وڃي ٿو. منصوري شان وڌيڪ ظاهر ٿئـــي ٿو. رموز- ڪائنات جـا سڀ راز فاش ٿي وڃن ٿا. عالم هست و بود جي حقيقت آشڪار ٿيو پوي. عبد ۽ معبود جي ڇاڻ پوي ٿي. الوهيت ۽ عبوديت جا پردا کڄي وڃن ٿا. الله ۽ بنده هڪ ٿي وڃن ٿا.

"الله الله چو چوين ، پاڻ ٿي الله پاڻ."

RESEARCH LIBRARY
INSTITUTE OF ECOLOGY
UNIVERSITY OF GEORGIA

ڏوهيڙا

(سر پيروي) (۱)

زور، غرور، غماز عادت البيلن جـــي،
نوڙت نيه نيـــاز، آهـــي عاشقن ۾!
(۲)
چيلن چـــلا، مو مکيـــڙ يا منه تي،
نير شبي مهتاب جان، منه هرن مشعلا،
تاريکـــي ۾ تيجارا تکـــا ڏين تجلا،
عاشق ات اجهلا، سر ڏين ٿا ست ۾!
(۳)
قوس قزح کمـــان ابرو عجيبن جا،
ضرب ظلم جي زور سان اچلن الامان،
سل هڻن ٿا سيني ۾ پنهڻين جا پيکان،
نيزا نيه نشان، "سچل" سر سهايا!

سر سارنگ (۱)

اتران اوري ڪئي چمڪٽي چمڪاٽ،
اتان ڪيائين اوچتي لس پيلي تي لاٽ،
منڊل ٿيا مڪران تي، گوڙن جا گڙگاٽ،
ککرن مٿان ڪيچ جي ڦڙڪي ڪاڏا ڦاٽ،
وري ورٿون واٽ، "سچل" سائيءَ سنڊ جي.
(۲)
اول آندي آئي پويان جهـــڙ جهجهو،
نکو اولو آسرو نکو اوٽ اجهـــو،
ڏهيلين ڏجهـــو، پرور ٿج پٽـــن ۾.
(۳)
هک وسڻ پيو وڃڻ ٽيون لهي پيو سيءَ،
جهوري وڏائين جووپيون جن وڏائين جيءَ،
رڻ جـــو رڻن ۾ والي وسيلو ٽيءَ،
حال جني جو هيءَ، تن پروردگ پناه ۾.
(۴)
سارنگ آيو صبر ۾ بوندن ڪئي بس،
رنگا رنگي رس، قزح ڪيي نيل تي.

سر ماروي (۱)

عمر مونـــڏي آيا اباڻـــون عتـــاب،
ڪئين محلين مارئي، ٿي تورما ڪباب،
جهوريس هن جواب، عمـــر اباڻن جي!

(۲)

پري ٽين نہ شال هڻن اوڏانتا آجڙي،
اڃي ويڻي تن جا اڃـــم خواب خيال،
سدا سانگيـــڙن جـــي اڃم ساه سنڀال،
اسان هڙا حال، هت عتـاب انهن جا!

(سر هوءل راڏو) (۱)

موسل مهڻي هاب، راڻا ڪر نہ راءِ تون،
جوڻن کي جواب، مرد نہ ڏين مينڊرا!
(۲)
هک جوءِ پي جوءِ، مرد نہ چڏن مينڊرا،
تو پڻ پرين پوءِ، کوه لڃايو ڪاڪ کي؟
(۳)
هک جوءِ پي جوءِ، چڏن ڪين جوان،
اهي پي انسان، جي ننگن تان نثار ٿيا!

ڏوهيڙا

اول پيري پيچ "سچل" بند خيالات جا،
تنهن پڃاڻان وچ، حلاج جي حيـرت ۾.
* * *
حد ين وڃين هرکو لاحد وڃي پير،
"سچو" سو فقير، جو حد لاحد لنگهي وڃي.
* * *
وقت اها ٿي ويل دونيءَ دور ڪرڻ جي،
ڪيڏ مذاهب من مان ساجهر ساڻ سويل،
هندو مومن سان ملي محبت جا ڪرميل،
متان ٿئي او يل، "سچو" اولهه سچ نہ الهي!
* * *
ڏيو پاري سچ کي ٿي ڏاهرين ڏنو،
هلکو هن هوا سندو، منين ڪن مٿو،
ڪٿو ۽ مٿو، "سچل"، چرين ساڪي چت ۾!
* * *
سوريه سارو ابر ۾، لوئين ڪهن لڏو،
انڌي ساڻ انڌو، "سچو" ٿئي پيا ڪڏ ۾!
* * *
ڪني نيه نهر سان ڪني ڏٻايا درياه،
"صاحبڏني" جي ساه، سارو سمنڊ سمايو!

كافيون

سر جهنگلو (۱)

بحر برہ جي موج کڙي ٿي ، ناگهه تنهن سر آيا سي،
موج بموج برابر آئي، جان جسي جي سڌ نہ کائي؛
کام نهنگ نياسي .
لهر لڙات منجهي لڙ لايو، تنهن تا هي وجود وجايو؛
خوني موج کنياسي.
کارونيار مڙيو ٿي قلزم، تاتي جان نہ جسم نکو دم؛
چوهي چولي سر چڙهاسي .
شهر درياه تي اچانک آيس، مهره سان تني لڙ لايس؛
ٻيا سڀ غرض گنوايا سي .
سير سرير کيو سڀ ٻاڻي، خاکي جسم ٿيو گم هاڻي؛
عينون عين ٿياسي .
"سچو" نالي آهين ٻهانو ، تون يگانو ناهين بيگانو؛
عشق معشوق کياسي!

سر پهاڙي (۲)

نال تيڏي لک واري واري ،
وڃي الله اساڏي زاري زاري .
محبت ميڏي نال تساڏي ،
گهت نہ تنهن وچ کهاري کهاري!
مين ڪنيزڪ تيڏي آهس ،
دوست کيتي کيوين ڏاري ڏاري!
"سچو" نماڻيءَ نون کيتي ٻيراکي ،
ٻاه ٻـره دي ٻاري ٻـاري !

سر آسا (۳)

ننگڑا نماڻي دا ، جيـوڻ تيوين ٻالڻا .
ميري آهيان مندي آهيان، ٻيشڪ ٻندي آهيان،
ڏکين ميـڏا ڏولڻا ، عيب نہ ڦولڻا !
ٻڏي هان ٻناري ، لڳي تيـڏي لاري ،
جوکي نال جالڻا ، اسان ولهـي آوڻا !
يار "سچل" تون لڏي ڪڍالـي ،
گهونگهٽ کـولڻا ، ٻهر ٻهر ٻولڻـا .

سر بروه (۴)

اهو ويو کاڏي ، جنهن سچو سو نانو سڏايو .
مکڙيءَ منجهون ٿيو گل ٻيدا ،
منهن ڪري ٻيئو ماڏي ؛
سڌ نہ ٻيئي طرف انهيءَ جي ،
جـان جسو ويو جاڏي ؛
اهو هلي ٿو ، اهو چلي ٿو ،
گوشو کيو وڃي کاڏي ؛
ڏيهه ڏاڏاڻو اڳ ڏٺوسي ،
پلڪ ڪئي پـر ڏاڏي ؛
ناوءَ "سچو" جو ويو اوڏانهين ،
طلب ويئي ٻـي تاڏي .

سچل سرمست
مترجم عطا محمد "حامي"

"* ساقي نامو"

ساقيا ڏي! پري کو جام - شراب ،
اهڙي مستي ڏي هن زماني ۾ ،
معرفت جو شراب ڏي ساقي ،
ان طرح پاڻ کان ڏي آزادي ،
ساقيا! ڏي شراب وحدت مان ،
سير مون کي ڪاءَ ڪثرت جو ،
ساقيا! هي شراب کين کهي ،
ذوق ۽ شوق جو پيالو پر ،
ساقيا! ٽوڙ قيد - هستي کي ،
بي خبر ڪر ٻنهي جهانن کان ،
زندگي ٿي خراب اي ساقي ،
عشق جي مٽي بغير جا گذري ،
بيخودي جو شراب ڏي ساقي ،
نيڪ يا بد ٻڌاءِ جئن چاهين ،
جام مٽي جو پيار ای جاني ،
عمر گذري ڏيو ٿيس ساقي ،
ڏي نہ ساقي شراب انگوري ،
لا زوال آهي جام وحدت جو ،
ڏي کو مستي جو حال اي ساقي ،
هي وظيفا ۽ ورد کين کڻن ،
سونکي شيشي جي جام ۾ مٽي ڏي ،
پل "برائن جي ماءَ" چٽي زاهد ،
ساقيا! کول پنهنجو مٿانو ،
مست بيخود ٿيان شراب چکي ،

ميڙجي جئن وڃن گناهه ثواب ،
دل ڳري ۽ هجي اکين ۾ آب .
پنهنجي "مان" مان وڃي رهان باقي ،
جو فنا مان ملي بقا باقي .
جي ڏسان کنهن ڏي مان تہ عبرت سان ،
بيخودي بخش بحر - حيرت کان .
تنهنجي وحدت جي مٽي ملي مونکي ،
پنهنجي درگاهه جي ڪتي ڪي ڏي .
آڻ شب روز مون ڏي مستي کي ،
کڻ بلندي کي توڙي پستي کي .
ٿيو نہ حاصل شراب اي ساقي ،
هئي حياتي عذاب اي ساقي .
خود نمائي کي ڪر پري ساقي ،
پنهنجي در غلام کي ساقي .
دور ڪر دل جي هي پريشاني ،
رات ڏينهن آهي بس پشيماني .
آهي ان کان اسانکي صد دوري ،
جنهنجي پيتي وڃي ٿي مهجوري .
دور ٿئي قيل وقال اي ساقي ،
گهرجي تنهنجو خيال اي ساقي .
دم ۾ ساقي هي درد ڇڏ لاهي ،
سڄ نظر کين ايندو انڌي کي .
ڏي پري مونکي منهنجو مٿانو ،
هوڏ هٽ کان وجان ٿي بيگانو .

* فارسي تان ترجمو ڪيل .

هري دريائي "دلگير"

دراز ۾ هڪ رات

(دراز ۾ ، ميلي جي موقعي تي ، سچل سائين جي ڪلام تي ڳائجڻ کان متاثر ٿي .)

سرمست سائين ، سنڌ جا سرمور ! سؤ سلام ،
شاهين آنهن سنڌ جو ، شهباز ! سؤ سلام ،
درويش تون دلارو ۽ صوفين جو شان تون ،
تون زندگيءَ جو زور ، آسنگن جو تون اميد ،
تو کان سرور آهي عطا زندگيءَ کي ٿيو ،
روحاني آنهن رند تون ، جو دنگ ٿو لٽي ،
سپني کي ٿو پيارين اي سائين ! سڏي سڏي ،

اي شاندار شير ، اي شهزور ! سؤ سلام ،
آپ جهڪائي تنهنجو ٿو پرواز ، سؤ سلام ،
مشتاق آنهن مست محبت جو سان تون ،
شاهن ۾ آنهن شاهن ، فقيرن ۾ تون فقير ،
تو کان غرور آهي عطا شاعريءَ کي ٿيو ،
تنهنجو پيالو کوڻ ٻوڙ سان ڪڏهن ڪٽي ،
سپني کي تون نوازي ، نظر سان چڏين اڏي .

تنهنجو ڪلام آهي "اناالحق" سندي صدا ،
تنهنجو ڪلام آهي تجلو سونور جو ،
تنهنجو ڪلام ، بحر ۾ ڇڻ ڇوهه ٿو چلي ،
تنهنجو ڪلام برق جي چمڪاٽ جان نچي ،
جيڪي ٻڌائي ڪهوٽ ڇيو ، آهي تو ڇيو ،
اونهائي شاهه جي کان لڄي بحر بيکران ،
هن شاعرن جي شاهه جي تشريح آنهن تون ،
هو آ لڄارو لعل ، تون سرمست بادشاهن ،

منصور ٿي ٻڌائين وڏي واڪ جا بجا ،
جنهنکي پسڻ لاءِ ريس ڪري کوهه طور جو ،
ڪڪرن جو گوڙ شور ، يا طوفان ٿو گهلي ،
برسات تيز ڇڻ تي ڳڙو وڏ ڦڙو نچي .
ظاهر مگر تو هن جو سچو راز آ ڪيو ،
اوچو تون ايترو جو لڄائين ٿو آسمان .
هو خوض ۽ خيال ته تفريح آنهن تون ،
هنجو ڪلام خوب ، ته تنهنجو به واهه واهه !

تنهنجو ڪلام خوب ڪتابن ۾ سون پڙهيو،
پڙهندي پڪي خيال جو آڪاس ڏي چڙهيو،

يڪتار ۽ گهڙي تي ٻ تنهنجو ٻڌم ڪلام،
دل دل ۾ تنهنجي پرت جو سون آڏو پيام!

مدت کان منهنجي دل ۾ زيارت جي آس هئي،
سرمست سائين! سونکي پراڻي پياس هئي،

آيس مان لاڙڪاڻ منجهان قرب مان ڪهي،
دل ٽي چيو ته ڏسجي درازن ۾ اڄ رهي،

هون٤ هنڌ هنڌ ٽوٻڌان تنهنجو ڪلام مان،
تو وٽ ٻ اڄ اچي سڀان تنهنجو پيام مان.

سيني جي لاءِ آهه سخاوت جو گهر ڪليل،
آعام خاص لاءِ دعائن جـــو در ڪليل،

مان پيسخي٤ جي گنج منجهان ڪجهه ولي اچان،
ميلي جي موج ۾ مان مزي سان پسي اچان!

رمضان جو مهينو ۽ چوڏهين٤ جي رات آ،
درگاهه تنهنجي آهه ۽ لاهوتي لات آ،

عزت کان سر جهڪي ويو تنهنجي حضور ۾،
راحت ۾ آهو روح ۽ تـــن من سرور ۾،

ميخاڻ پنهنجي مان ٽوسين ڪي پيارين تون،
اي ڪاش! هڪڙي بوند منڪي پي ڏيارين تون،

جهو مان سموري عمر اي سرمست ! هوند مان،
ميخاڻ تنهنجي مان جي چڪان هڪ ٽي بوند مان!

ميلي جو اوج ، موج متل ، آهه ڏوم ڏام،
بجلين جي چهڪي ڪان ٽي رنگين آهه شام،

آيا ڪٽان ڪٽان ڪهي، ماٺهو مڙيا حشام،
آيا مڙي مريـــد ڪـرڻ واسطي سلام،

يڪتار جي سرن تي ڪي صوفي نچن پيا،
مرليون گهڙا ۽ چنگ عجائب وڄن پيا،

ڪافيون غزل ۽ بيت مزي سان پيا چون،
جن ٿا فلڪ جا سير پرن کان سواءِ ڪن،

چـا شاعرن جـو شعر، چا تنجو آمنگ آ،
وهه وهه! آڻهن ۾ ڪيترو روحاني رنگ آ،

بيدل، عنات، شاهه ۽ مصري٤ جو هو ڪلام،
آغا، غريب، داس ۽ ڪوجهي٤ جو هو ڪلام،

ڪوشش ڪيم ته من ٻڌان تنهنجو ڪلام پي،
من ڪو ملي وڃي ڪئي تنهنجو پيام پي!

هر شخص ٽي امنگ ۾ پنهنجو ٽي ڪجهه چيو،
تنهنجو ڪلام ۾ر نه ڪنن تي ڪٽي پيو،

هو شاعرن کي فڪر ته پنهنجو ٻڌايون ڪجهه،
راڳيندڙن کي فڪر ته پنهنجو سڀايون ڪجهه،

اڌ رات تائين راڳ جون سڀ محفلون گهميس،
تنهنجي تلاش لاءِ مان هر ميڙ ۾ ڦريس،

تنهنجو ڪلام ڪٽ نه هو، حيران ٽي ويس،
دلگيـــر دل ۾ سخت پريشان ٽي ويس،

تنهنجو ڪلام سنڌ ۾ پکڙيل آ عام جام،
درگاهه تنهنجي ۾ نه چو ٻڌجي ٽوسو ڪلام،

"دلگير" تنهنجي گهر ۾ هي توساڻ چو عضب،
سرمست سائين؟ چا هي انهي٤ جو پلا سبب؟

نواز علي "نياز" جعفري

شهنشاه - دراز

عاشقن کان ناهر پوشيده شريعت جو ٻ راز
پر وٽي ڪنهن کي طريقت جو سداءِ سوز ساز

يا حقيقت جي حقيقت تي ٿي آهي ڪنهن کي ناز
معرفت کي جو وڃي پهتو لنگهي سوڃ - مجاز

ڪٽن نہ دنيا هيءَ ڪري هر هر نمي انکي نياز
جو فقيريءَ ۾ ٻ سڏجي ٿو شهنشاه - دراز

.....

اصل ۾ انجو مبارڪ اسم هو عبدالوهاب
پر سچائيءَ کان "سچل" گويا ملیو انکي خطاب

چوڏهينءَ تاريخ چمڪي موج کان جٽن ماهتاب
هي ٻ پنهنجي چوڏهين چمڪي ٿو مثل - آفتاب

ڪٽن نہ دنيا هيءَ ڪري هر هر نمي انکي نياز
جو فقيريءَ ۾ ٻ سڏجي ٿو شهنشاه - دراز

.....

هي "سچل" سارو هو سچ توري سچائيءَ کي ويو
ٽيو وڃي هڪ ساڻ هڪ ٿوڙي ٻيائيءَ کي ويو

صاف هو اهڙو ڪري ثابت صفائيءَ کي ويو
جو وجهي حيرت ۾ هو ساري خدائيءَ کي ويو

ڪٽن نہ دنيا هيءَ ڪري هر هر نمي انکي نياز
جو فقيريءَ ۾ ٻ سڏجي ٿو شهنشاه - دراز

.....

ٿا چون انکي گهٽوئي عشق هو الله جو
راز مخفي هن ڪيو ظاهر "پٽائي شاه" جو

هڪ ٽٻيءَ سان تر لڏاءِ درد جي درياه جو
سڪ جو انکي سرس هٿي لائق ٽيو ساراه جو

ڪٽن نہ دنيا هيءَ ڪري هر هر نمي انکي نياز
جو فقيريءَ ۾ ٻ سڏجي ٿو شهنشاه - راز

.....

پي پيالو پرت جو سرمست صوفي ٽيو صفا
بي خوديءَ جي بحر جو گوهر هو بلڪل بي بها

هو سدا بي باڪ بي پرواهر بيشڪ بي ريا
نفس کي تابع ڪيائين خوب ڏئي سيکت سزا

ڪٽن نہ دنيا هيءَ ڪري هر هر نمي انکي نياز
جو فقيريءَ ۾ ٻ سڏجي ٿو سهنشاه - ددراز

.....

هن هٿ هستي وڃائي ٿي چيون ڪافيون ڪلام
شعر انجو ڪو نہ ٿو سمجهي سگهي هر خاص و عام

پر ٻڌي زاهد چوي، ٿي مست جيڪر هٽن مدام
هر سخن آهي سراسر پرت واري جو پيام

ڪٽن نہ دنيا هيءَ ڪري هر هر نمي انکي نياز
جو فقيريءَ ۾ ٻ سڏجي ٿو شهنشاه - دراز

سچل سائين جي آخرين آرامگاهه



ولادت
۱۷۳۹ع

وفات
۱۸۲۶ع

"ساري رات سبحان جاڳي جن ياد ڪيو،
ان جي "عبداللطيف" چئي سڏيءِ لڏو مان،
ڪوڙين کن سلام اچئو آڳڻ ان جي."

— بڻائي

(١)

سنڌي پرت جا نادر نمونا

(١) ڪاون جي جڙت

(٢) هرمچو

(٣) ڪشميرو

(٤) ڪشميرو

(٥) سون جو ڪم



(٢)

موراڻ جي ماڻريءَ

"لالن جي لهس، آڻ اکر

قديم زماني لاکر، مهراڻ جي ماڻريءَ ۾ پرت جو هنر هليو اچي.
۴ صديءَ ۾، مهراڻ جي ماڻريءَ ۾، پرت جو هنر چوٽ چڙهيل هو؛ پر ان
انجو ثبوت، رگ وید ۾ پيش ڪيل احوال مان ملي ٿو.

سنڌي پرت جي ساراه ديسان ديس آهي. "هرمچو" ۽ "ڪا
اوائلي دور ۾ جڏهن "ڊچيز آف ونڊسر" پهريون دفعو "ڪاون جي جڙ
عورتن کي ڏنڊين آگريون اچي ويون. ـــ مسز ڊانگرڪري، هڪ پرت ج
تہ، "سوين سال اڳ عربن سنڌ مان پرت جو هڪ عمدو قسم "هرمچو"
۾ ايتري تہ مقبوليت حاصل ڪئي جو اتان جون شوقين زالون اڄ ڏينهن تائين

(٣)

سنڌي پرت بعد بلوچي پرت ۾ پنهنجو مثال پاڻ آهي. امير
پريل نظر ايندو. پرت پريل لباس پائڻ بلوچن جي قومي روايتن
نادر نمونو آهي، "ڪشيدو".

(٤)

(٥)



(٦)



بلوچي پرت جا عمدا نمونا

(٦) ڪشيدو.

(٧) ڪشيدو.

(٨) بلوچي قومي پرت.

(٩) ڪاڻن ۽ پٽڻ جو پرت.

(١٠) ملتاني بلوچي هنر.

(١١) ملتاني بلوچي هنر.



(١١)

...رت جو هنر

"... شاه

...س جي ڪيل ناڪن سان معلوم ٿئي ٿو ته عيسوي ٣ ۾ ...آڳاٽو مهراڻ جي ماڻهوءَ ۾ پرت جو هنر موجود هو،



(١٠)

...جرڻ"، سنڌي پرت جا سڀ کان عمدا نمونا آهن.

...هنر، سنڌ سان سڪي وڃي انگلنڊ ۾ پيش ڪيو ته انگريز ...غربي خاتون، پرت جي هنر جي تحقيقات ڪندي لکي ٿي ...هنن اهو هنر اسپين ۾ پهچايو. "هرسچي" اسپين ...هرسچو" پريل لباس ڏاڍي شوق سان اوڍيندون آهن."

...رب، هر بلوچي عورت جي لباس تي اوهانکي پرت ...مل ٿي ڇکو آهي. بلوچي پرت جو سڀ کان

(٧)



(٨)



(٩)

پاڪستان ۾ بالغن جي تعليم

بالغن جي تعليم عورتن لاءِ ۾ ايتروئي ضروري آهي جيترو مردن لاءِ

مثـــي :-

ڪراچي مرڪزي ابراضي ۾ هڪ عورتن جو ڪلاس.

هيٺ :-

اوڀر بنگال ۾ عورتن ۾ بالغ تعليم ڦهلائڻ لاءِ سرجوشيءَ سان ڪم ڪندڙ سماجي سڌارڪن جو هڪ ٽولو



تنبي جام ۾ گوٺ سڌار جي ٽريننگ سينٽر ۾ بالغ مردن جو هڪ ڪلاس. استاد، شاگردن کي پڙهن پيو سيکاري.

منوهر داس کوڑومل

بالغن جي تعليم

بالغن جي تعليم وارو مسئلو اڄوڪن ضروري قومي مسئلن منجهان هڪڙو آهي، جنهنجو مقصد آهي پنهنجي آزاد ملڪ جي عام ماڻهن کي ضروري تربيت ڏيڻي ته جو اهي لائق شهر واسي بڻائڻ.

عوام جو فهم وڌائڻ ۽ انهن ۾ معاشرتي احساس ۽ ملڪي جذبو جاڳائڻ لاءِ هي تعليمي سرشتو هڪ کارگر واهڻ يا وسيلو ثابت ٿيو آهي.

انسان پنهنجو ناتو جڳ جهان سان پروڙي ۽ زندگيءَ جي ڏنڈي مشغوليءَ ۾ سوايو سوڌارو ٿئي، پنهنجو پاڻ ۾ همت ۽ خودياوريءَ جو جزو پيدا ڪري، انهن مڙني مقصدن کي بالغ تعليم هٿي ٿي ڏئي. عام ماڻهن کي تنگدليءَ ۽ وهمي زندگيءَ سنڌي اوڙاهه منجهان جيڪڏهن ڇڪي ٻاهر ڪڍڻو آهي ته هي بالغن کي ترت سکيا ڏيڻ وارو ڪارآمد سرشتو ئي آهي، جو عملو ڪم ڏيئو. انسان اندر جو حيواني مادو آهي، تنهن کي ناس ڪري يا دٻائي ڇڏڻ لاءِ ضروري تعليم هن ئي سرشتي وسيلي ڏيئي سگهجي ٿي ۽ وڏي گهالهه ته پاڙيسرين يا هم وطنين جي خيالن ۽ ريت رهت کي برداشت ڪجي يا انهن سان فراخدليءَ سان پيش اچجي، اهو مادو عوام جي دلين اندر داخل ڪري سگهجيئو.

بالغ تعليم جو ميدان موڪرو آهي جنهنڪري هر قسم جي علم بابت سليس طريقن سان سکيا ڏيئي سگهجي آهي، جا هڪ شهر واسي جي فرض بابت، جا صحت ۽ صفائي جي اصولن بابت، جا بجليءَ جي علم بابت، جا هنرن ڪاريگرين، دستڪارين منجهه، جا موسيقي ڪلا ۽ ناٽڪ جي نٽ بابت، جا حسابي ڪم يا ذار ذار ٻولين جي مطالعي ڪرڻ ۾ — مطلب ته قسمين قسمين علمن جي ڄاڻ يا واقفيت عام خلق کي سولين تقريرن ۽ سمجهائڻن ذريعي حاصل ٿي سگهي ٿي. چرندڙ مورتون ۽ صورتون ڇڙدي ته ڏيکاري يا عڪسي بتي ذريعي لڪچر ڪري، ڪيترو ٿي ڪارائتو علم عوام منجهه ڦهلائي سگهجيئو. سيڪنهن فرقي جي جاهل مردن خواه زالن کي رات جي مڪتبن يا ميڙاڪن منجهه فرصت سارو ڪلاڪ اڏ هر روز مختلف مضمونن ته سولي سکيا ڏيڻ سان ڪير ڇڻي سگهندو ته عام خلق ۾ اٽاهه علم جو شوق پيدا ڪين ٿيندو؟ خط وڪتابت وسيلي تعليم ڏيڻ جڻ مغربي ملڪن ۾ عام جام پيو ٿئي، ريڊيو رستي ليڪچر ڪرائڻ وارو سرشتو، سير تفريح ڪري ڏسڻ وانگر سان حوصلو وڌائڻ ۽ "گهومو ڪتاب گهرن" جي ذريعي سستن ڪتابن جو ڦهلاءُ ڪرڻ، علم جي ترت حاصلات جا ٻڌ ٻيا اثرائتا وسيلا آهن.

> ڏاريون آزاد ملڪن ۾ بالغن جي تعليم جي ترقي.

بالغن جي تعليم جو مسئلو فقط پاڪستان يا هندوستان جو نه، بلڪ ساريءَ دنيا جو آهي. گذريل عالمگير لڙائي بعد ٽڪل ٽئل ملڪ صلح واريءَ زندگيءَ لاءِ سڪايل هٿا. دائمي صلح جو زمانو آڻڻ لاءِ هر هڪ مغربي ملڪ پنهنجي پنهنجي تعليمي سرشتي کي سڌاري

ان ۾ گهربل تبديلون ڪيون. جيتيل جرمنيءَ ۾ ايتري قدر قدم وڌايو جو بالغ تعليم جي ڦهلاءُ واسطي هڪ خلاصي وزارت کڻي برپا ڪيائين. جهان ۾ پوئتي ڪين پيو ۽ جهالت کي دور ڪرڻ ۽ عام طرح علم جي روشني پکيڙڻ کان هر طرح جا هٿيار ڪم آڻڻ لاءِ وڌائي وس ڪيائين.

يورپي ملڪن اندر مزور طبقي جي تعليم تي خاص طرح توجهه ڏنو ويو ۽ تنهن لاءِ اڪثريت واريون جماعتون پنهنجا پنهنجا تعليمي مانڊاڻ منڊڻ لڳيون ۽ حڪومتن ۾ فقط انهن کي فراخدليءَ سان مالي امداد ڏني پر بالغ تعليم جي ترت ڦهلاءُ خاطر پنهنجو سرڪاري سرشتو ڏار ڪڙو ڪيو. زيڪوسلوويڪيا ۾ پورهيتن جي تعليم تربيت لاءِ رهايش سميت هڪڙو شاهي ڪاليج برپا ڪيو ويو، از آنسواءِ عڪسي بتي جي سلائيڊن تيار ڪرڻ لاءِ هڪ شاهي آفيس پڻ کولي وئي جتان ٻاهر چوڏاري سلائيڊون آڏاربون موڪلي تعليمي مضمونن تي ليڪچر هٿايا ٿي ويا. اهڙي طرح يورپ ۾ ٽيهارو ورهين اندر بالغ تعليم اعليٰ درجي جي ترقي حاصل ڪئي.

اسانجا ديس ۽ بالغن جي تعليم

هوڏانهن مغربي ملڪن ۾ هيترو سارو تعليمي مانڊاڻ منڊجي رهيو هئو تہ هيڏانهن اسانجي هنن ملڪن ۾ غفلت جي نشي ۾ چڪنا چور، خوفناڪ جهالت، بيحد ناخواندگي ۽ تنگ خياليءَ کي ختم ڪرڻ لاءِ حڪومت ڪڪ پچي ۽ پئو نہ ڪيو هو. ان نسبت ۾ اسانجي ديس جي حالت جو نهايت افسوسناڪ قصو آهي جو هتي ان وقت جملي آدم جو ۸۰-۹۰ سيڪڙو بي علميءَ ۽ جهالت سندي اوڙاهه ۾ ڪنو پيو هو. اسانجي ملڪ جي نئين زندگي اها بدحالت ان ڪري ٿي هئي جو هڪ قوم جي حيثيت ۾ اسان لاءِ ٻه وک وڌائڻ ٻ محال هو.

اسانجو مسڪين عالم شاهوڪار شاهي سرشتي جو پيڙيل ۽ ستايل هو ۽ اڃا ٻ آهي. اسانجو گذراني درجو عام طرح جيئن اڳي تئن هاڻي ساري دنيا جي ملڪن جي مقابلي ۾ نهايت گهٽ ۽ پوئتي آهي ۽ اسين تنگدلي ۽ بي علميءَ ڪان ملڪان ملڪ مشهور آهيون.

معاشرتي خواه مذهبي زندگيءَ جي لحاظ ڪان اسان ۾ سخت فوت آهي ۽ جواري اڻي وانگر ايڪي اتحاد ڪان محروم آهيون.

انگريزي راج اندر، سواءِ سکڻي زباني همدردي ۽ تعليم جي ڦهلاءُ جي ڪم، ڏاريءَ حڪومت جي اسانکي ڪابہ ڪري مدد ڪانہ ملي، هوڏانهن مغربي ملڪن ۾ حڪومتون بالغ تعليم جي ترقيءَ لاءِ هر طرح جي چوڪي مدد باقاعدي ڏيئي رهيون هيون.

هن وقت حقيقت ڇا آهي جو موجوده تعليمي سرشتو بلڪل نڪمو ۽ قوميت ڪاڻ نقصانڪار ثابت ٿيو آهي، جنهنجي پيدائش، اسانجا اهي هاڻوڪا گهٽيپاڳي عياشي ۽ فئشن پرست نوجوان آهن جي اڄ لکن جي تعداد ۾ بيڪار ۽ بيروزگار ٻڌجي نوڪرين جي تاڙ ۾ حيران پريشان ڦري رهيا آهن، ڇاڪاڻ تہ اسانجي هنن مسڪين ملڪن جي مالي مانڊاڻ منجهه، اهي نوجوان اڻ ٽهڪندڙ پرزن مثل ٿي ڇڏيا. اهوئي سبب آهي جو بالغ تعليم وارو مسئلو اسانجي هنن ملڪن ۾ ٻيءَ طرح ۽ علحدي نوع ۾ ٿي حل ٿي سگهندو ۽ نہ ساڳيءَ ريت جئن مغربي ملڪن ۾ ٿيو آهي. اڪري تعليم

ڏيڻ جو ڪم اسانجي ملڪ ۾ ايڏو ته اڻاھ ھو آھي ۽ ايترو ته وقت ۽ پيسو گھرندو جو بالفعل اسين اھو ڪم ڪاميابيءَ سان ھٿ ۾ ڪٿي ڪين سگھنداسين. اسانکي تنھن ڪري جڳائي ۽ مناسب ۽ موزون ۽ ائين ٿي ٿيندو ته اول خلق کي سندن فرصت جي وقت ۾ اڻاھ علم جي روشني ڏيون ۽ انھنجي گذراني مسئلن بابت منجھن تعليم ڦھلاءِ ون، جئن عام ماڻھو صفائي ۽ صحت واري زندگي بسر ڪري سگھن ۽ ۽ سوڙ آھر ھنجا پير ۽ ڪھيرين. بالغ تعليم جي رٿا ۽ ڪوٺ مڌار ھلچل جي تجويز ۾ ڪڏوڪڏ عمل ۾ اچي سگھن ٿيون، ڇاڪاڻ جو اڪري تعليم بغير، تعليمي ليڪچرن لئبريري ھلچل ۽ سستن ڪتابن جي ڦھلاءُ جو فائدو عام خلق کي حاصل ٿي نه سگھندو. عجائب گھر اسان وٽ فقط سيڪڙ ۽ سجاوٽ جا وسيلا ٿي ڪتب اچن ٿا. اسانجي ملڪ جا عجائب خانا، يورپي ۽ آمريڪي عجائب گھرن ۽ آرٽ گيلرين جھڙا ڪين آھن، جي منجھانئن باقاعدي تعليم حاصل ٿي سگھي.

بالغ تعليم جي راھ ۾، ٻين وسيلن کان وڌيڪ اڙائتا آھن، عڪسي بتي ذريعي تعليم ڏيڻ جا رستا، جنجي ذريعي ليڪچر ڏيڻ سان خاص طرح پاڪستان اندر لکھا زالن سردن، اڻ پڙھيل بالغن، جو پاڻ ٿي سکھيءُ. فقط حڪومت جي واھر جي درڪار آھي. اڳي ته پلا اسانجا ڏاريا حاڪم لاپرواه ھٿ ۽ اسانجي تعليم لاءِ فڪرمند ۽ ڪھڙي اکر ٽين ھا؟ عام ماڻھو انسان ٿي پڻي رھيا يا ڏور، تندرست خوش ۽ راضي ھٿا يا جھريل ۽ پيڙيل، تنجي ھو ڪٿي ڇوڪن؟ ڏاريءَ حڪومت کي ھر ھميشہ اھوئي فڪر ھو ته رعيت حڪم ٻدل فرمانبردار ۽ قاعدي قانون جي پابند ڪئن رھي.

اڇلھ جڏھن اسين سڀ آزاد آھيون تڏھين اسانجي سرڪار کي لازمي طور تعليمي سرڻتي ۾ ڦيرو آڻڻ کپي ۽ وڏي گاله، ته ۸۰-۸۵ في صدي ناخواندگي جي داغ کي مٽائڻ لاءِ ھرممڪن ۽ سرٽوڙ ڪوشش ڪرڻ جڳائي.

عام جي اتفاق ڪانسواءِ سرڪار ۽ ڪٿو ڪجھ ڪين ڪري سگھندي تنھنڪري مناسب اڻين آھي ته تعليم يافته طبقو، شاھوڪار، مالدار ۽ پڙھيل خود ھاوريءَ تي پاڙي، بالغ تعليم جھڙي اھم قومي مسئلي کي حل ڪرڻ ڪان حڪومت جا ھرطرح پاڻھن ھيٺي ٿي ٻيھن ۽ پنھنجي سر ۾ ۸۰-۸۵ سيڪڙو اڻ پڙھيل پائرن کي اڪري تعليم حاصل ڪرڻ ۽ واندڪائيءَ جي وقت واھرڪن جيئن جلد کو اھڙو زمانو اچي جو جھان جھان ڪھت ۽ ڪھت ۹۸ سيڪڙو ۽ آمريڪا جئن ۹۶ سيڪڙو ماڻھو لکي پڙھي سگھن، پنھنجي صحيح وجھ، اخبار پڙھن ۽ خط پٽ لکن جھڙا ٿين.

ڪتاب سڀ کان ٻولڙين رفيق آھي.

(عباسي ڪتب خاني جا ناياب علمي، ادبي ۽ مذھبي نادر تحفا.)

(۱) قرآن مجيد (سنڌي ترجمو) پنو حاشيه ۱۲-۰-۰

" " " " سفيد ۱۰-۰-۰

مجلد جھڙو اعليٰ ٿي رپيا. وڌيڪ

(نوٽ) پوسٽ آفيس جو خرچ خريدار جي ذمي ھوندو

(۲) مرشد المبتدي (علامه دائود پوٽر) سنڌي ترجمي سان پھريون پاڳو ۱-۸-۰

(۳) مرشدالمبتدي ٻيو پاڳو ۲-۸-۰

(۴) بياض نظامي (مرحوم غلام احمد نظامي جي ڪلام جو (ٻيو پاڳو) ۰-۱۲-۰

(۵) روضة الشهداءِ مجلد (مرحوم مرزاقليچ بيگ) ۱-۸-۰

نادر ۽ نايابسنڌي ڪتابن جي فهرست اسان ڪان مفت ڪھراٻو.

(اسان جي ايڊريس ياد رکو):-

عباسي بوڪ ڊپو، جھولا مارڪيٽ ڪراچي

محمد حسين، محمدسليمان ترڪ.

پيلن جو اقتصادي حالتن تي اثر

سنڌ ۾ پيلا ۽ وڻ تمام ٿورا آهن، جيتوڻيڪ اصول مطابق ملڪ جي اٽڪل ۲۵ سيڪڙو زمين وڻن هيٺ گهرجي، پر هتي انهيءَ جي فقط ۲۴۳ حصي ۾ وڻ آهن؛ تنهن هوندي به هتي جا رهاڪو انهن ڪي ايتري اهميت ڪونه ٿا ڏين. نه رڳو ايترو پر قدرتي طرح خود بخود پيدا ٿيل وڻن کي به، فقط ٽن يا چئن روپين جي قليل قيمت تي وڃارائي ناس ڪري رهيا آهن ۽ انهن جي جاين تي وري پيا وڻ ڪونه ٿا پوکائين. ڪيترن کي شايد اهو به معلوم نه هجي ته وڻ سنڌن زمينن، فصلن جي پيداوار، ملڪ جي آب و هوا، پاڻي ۽ هارين جي پلائي لاءِ نهايت ضروري ۽ ڪارآمد آهن.

جيڪڏهن ملڪ ۾ پيلا، جهنگل ۽ وڻ نه هوندا ته مينهن گهٽجي ويندو، زمين جو مٽيون پلو تهه واءُ ۽ پاڻي جي وهڪري کي ري ڪاڇي ويندو، فصلن جي پيداوار گهٽجي ويندي، مال لاءِ چارو گهٽ ٿيندو، ملڪ خشڪ ٿي ويندو، ٻوڏون زياده نقصان ڪار ثابت ٿيندون، هاري ڏڙجي ويندا ۽ ملڪ جا رهاڪو سنهڻ ۽ صحت بخش نظارن ۽ سٿي آب و هوا کان محروم رهندا. انهيءَ ڪري سڌريل ملڪن ۾ خاص ڪوشش ڪئي تمام گهڻي حصي ۾ پيلا ۽ وڻ قائم رکيا ويندا آهن ۽ انهن مان گهربل وڻ وڌڻ بعد يڪدم اوترائي بلڪ زياده وڻ وري پوکرايا ويندا آهن.

اهـا حقيقت هيٺين انگن اکرن مان ثابت ٿئي ٿي.

ملڪ جو نالو	پيلا ڪيتري حصي ۾ آهن.
(۱) آمريڪا	زمين جي اٽڪل ۳۳ سيڪڙو حصي ۾
(۲) روشيا	" " " ۴۳ " "
(۳) سئٽزرلئنڊ	" " " ۲۴۴۳ " "
(۴) ناروي	" " " ۲۳ " "
(۵) هندستان	" " " ۱۹ " "

انهيءَ جي برعڪس پاڪستان ۾ فقط ۵ سيڪڙو ۽ سنڌ ۾ فقط ۲۴۳ حصو زمين تي پيلا ۽ وڻ آهن.

حساب لڳايو ويو آهي ته ملڪ جي اٽڪل ۲۲ ڪان ۲۵ سيڪڙو حصي ۾ وڻ ۽ پيلا هجڻ گهرجن. انهيءَ حساب سان اسانجو پاڪستان ملڪ عام طرح ۽ سنڌ خاص طرح گهٽو پوئتي آهن ۽ جيڪڏهن خاص ڪوشش ڪئي وڻ جو تعداد نه وڌايو ويو ته اسانجي ترقيءَ ۾ ڪافي رڪاوٽون درپيش ايندیون، جا ڪاڻ جو پيلا ملڪ جي ڏاڍڻ، واپـار ۽ اقتصادي ترقيءَ لاءِ نهايت ضروري آهن. مختصـر طور پيلن ۽ وڻن مان هيٺيان فائدا شمار ڪري سگهجن ٿا.

(۱) ملڪ کي عمارتي ۽ ٻيو ڪاٺ حاصل ٿيندو جو جڳهين ٺاهڻ، فرنيچر، صندوقن، ڪوڪن، سليپرن، ٽٽين، زراعتي ۽ ٻين اوزارن وغيره جي ڪم لاءِ تمام گهٽو ڪتب اچي سگهي ٿو.

(۲) ملڪ ۾ مينهن وڏيڪ وسندو، خشڪي، لڪون ۽ جهولا گهٽجي ويندا.

(۳) زمين ۾ رسيال رهندي ۽ منجهس پاڻي جو تهه (water-table) ڪافي مقامن رهندو جنهن ڪري کوهن رستي آساني سان پاڻي مهيا ٿي سگهندو.

(۴) وڻ واري زمين ۾ گاه ٿيندو ۽ خوڊ وڻ مان هري، پٽرا، پن، ٽاريون، گل ڦل، وغيره حاصل ٿيندا، جي مال جي چاري جو ڪم ڏيندا.

(۵) زمين ۾ ڪاڌ نه ٿيندي. حساب لڳايو ويو آهي ته جيڪڏهن وڻ نه هجن ته پلي زمين جو مقامون ٿهن، واءُ، طوفان، مينهن ۽ پاڻي جي وهڪري ڪري انڪل هڪ سو دفعا وڏيڪ ڪاڇي ويندو جنهن ڪري زمين پاڻي مان ڦري ڏلي ٿي ويندي ۽ فصلن جي پيداوار ڪافي گهٽجي ويندي.

(۶) ملڪ ۾ وڻن نه هڻڻ ڪري ٻوڏون تمام زياده نقصان ڪار ثابت ٿيندیون. ندين ۽ واهن جي بندن تي جتي ۽ وڻ هوندا آهن ته اتي ڪهارا نه پوندا ۽ زمين ۾ جتي ۽ وڻ هوندا اتي ٻوڏ جي پاڻي جو وهڪرو ايترو تکو نه ٿيندو جنهن ڪري نقصان گهٽ ٿيندو.

(۷) وڻن مان جيڪي ۽ پن، گل ڦل ۽ سنهيون ٽاريون ڪرندیون سي زمين لاءِ پاڻ جو ڪم ڏيندیون.

(۸) ميوا، ڪٻونر، لاک، ماکيون، رڳڙ جو سامان، اگر، چوڏا ڪارخانن لاءِ ٻيو ڪيترو سامان، پارڻ لاءِ ڪاٺيون، گهرن لاءِ ڪاٺ، لاکڙ ۽ چاڇو، لوڙهن لاءِ ڊنگهر وغيره حاصل ٿي سگهندا.

(۹) ڪاغذ ۽ آرٽ سلڪ جي ڪارخانن لاءِ ضروري سامان مهيا ٿيندو.

(۱۰) شڪار لاءِ پکي ۽ جانور گهڻي تعداد ۾ ملي سگهندا.

(۱۱) ٻيلا سڀي آب و هوا، جانو ۽ خوبصورت نظارا ميسر ڪندا جي انسان جي تندرستي، تفريح ۽ روحانيت لاءِ نهايت ضروري آهن.

(۱۲) ٻيلا ملڪ جي زراعتي پيداوار ۾ واڌاري جو ڪارڻ بنجن ٿا.

(۱۳) ڪاٺ مان ملڪ ۾ آمدرفت ۽ آزادي (برقرار رکڻ لاءِ ڪيتروئي ضروري سامان ٺهي ٿو جنهن کان سواءِ لڙائي ۾ ڪامياب حاصل ڪرڻ مشڪل ٿئي.

(۱۴) فقط جيڪڏهن هارين جي مال تي غور ڪبو ته به معلوم ٿيندو ته جيڪڏهن هتن ڪي هري، ٻلڙا، چانوڙ ۽ چارو وڻ سان نه ملي ته هنن جا ڍڳا اڌرا ۽ ڪم طاقت ٿيندا ۽ زمين ۾ سٺي کيڙ ڪري نه سگهندا ازانسواءِ سندن ڪير ٻيڻ واري ڏڳي، مينهن يا ٻکري اڀري ٿي ويندي ۽ کير گهٽ ڏيندي، جنهن جو لازمي نتيجو اهو نڪرندو جو پاڻ ۽ سندن پار ڪمزور ۽ نبل ٿيندا. گهر لاءِ ڪاٺي ڪلو، لاکڙ ۽ چاڇو، لوڙهي لاءِ ڊنگهر نه ملڻ ڪري مينهن، اس، سردي ۽ چوريءَ چڪاريءَ کان محفوظ اجهو نه ٺاهي سگهندا. جنهن ڪري هن جي زندگي ڏکي ۽ مشڪل گذرندي. بي اطميناني ۽ ڪٽتي کين ويڑهي ويندیون، جن جو لازمي نتيجو اهو نڪرندو جو هاري پنهن جي ٻني جو ڪم پوري جفاڪشي، محنت ۽ اطمينان سان نه ڪري سگهندو ۽ فصل جي پيداوار گهٽو گهٽجي ويندي.

الحاج سيد ميران محمد شاه

الحمرا محلات جي هڪ آکاڻي

(مئدرڊ (اسپين) ۾ مقيم آمريڪي سفير مسٽر واشنگٽن ارونگ جي ڪتاب "الحمرا جون آکاڻيون" تان ورتل هڪ آکاڻي) (۲قسط)

ويچارو پيدرو پنجن جي قوت پيدا ڪرڻ خاطر ڪانوائي ڪٽي "الحمرا" جي ڪوه مان پاڻي پريندو رهيو. هڪ شام جو جڏهن هو ڪوه جي نزديڪ پهنجي واري ونڊ لاءِ وڃڻو هو تہ پاڻي پريندڙن ۾ هميشہ جي دستور موجب وري جنن، پرين، بادشاهن ۽ پهلوانن ۽ زير زمين خزانن جو ذڪر ڇڙيو. هڪ پيـر مرد چيو تہ "سامهون ست طبقي واري مناري جي هيٺان، آءٌ مائٽن کان ٻڌندو اچان، تہ هڪ بي انداز خـزانو پوريل آهي، مگـر انجي درن ۽ ڪلهن کي سحـر سامريءَ رستي اهڙو تہ مضبوط ڪيو ويو آهي جـو سواءِ جادو جي ڪـوبـه انهن کـي کـولي نہ سگهيو آهي." مسڪين پيدرو خـزاني جي ڳالهہ ٻڌي ويچار ۾ پئجي ويو تہ جي ان خزاني مان هوند ڪجهہ حصو مون کي حاصل ٿئي تہ هن مصيبت جي زندگيءَ مان نجات ملي. خيال آيس تہ "صندل جي صندوق ڏيندي جو عرب صاحب چيو هو تہ هن مان توکي ڪافي فائدو پهچندو سو سڃاڻ تہ ڪو جادوءَ جو اوزار هجي ۽ هن خزاني هٿ ڪرڻ ۾ مدد گار ٿئي." سو ڏهو پري هڪدم واپس ورهيو. گهر اچي صندوقـڙيءَ کي کولي نئين زندگي ۾ ڪاغذ جـو ويڙهو کوليائين تـہ ڏسي تـہ ڪجهہ عربـيءَ ۾ لکيـل اٿس ۽ ڪجهہ نقش پڻ عربيءَ ۾ چٽيل اٿس خيال ڪيائين تہ غرناطہ جي ماهياني مارڪيٽ ۾ موراڪـو ڪان ايندڙ عرب سوداگرن ڪان اهو نقش پڙهائيندس. شايد ڪو نفعو حاصل ٿي وڃيم. اتفاق سان ٻي ڏينهن مارڪيٽ جو ڏينهن هـو ۽ هو مارڪيٽ جي چوڪ ۾ هڪ عرب سوداگر جو کي قدر علم وارو ٿـي ڏٺو، ان کي هڪ پاسي ڪـري ايهو نقش ڏيکـاريائيـن. سوداگـر چٽـو پڙهي حيرت ۾ پئجي ويو ۽ پيدرو کي چيائين تہ پهڻي هي وظيفو جادو جو اثر رکي ٿو ۽ هنجي پڙهڻ سان لکل ۽ زمين دوز خزانا ظاهر ٿي ويندا، پر شرط اڪيل آهي تہ سر زمين تي وظيفي پڙهڻ وقت هڪ خاص قسم جي شمع ٻاري پوءِ جيڪڏهن وظيفو ورد ڪيو تہ اثرائتو ٿيندو پي صورت ۾ ڪجهہ نہ ٿيندو. پيدرو خاطري ڏنيس تہ صندل جي صندوقڙيءَ ۾ شمع جو پيلو ٽڪـر به پيل آهي. هڪدم وڃي گهران ڪٽي اچي عرب سوداگر اڳيان پيش ڪيائين پيدرو عرب کي چيو، تہ ''اسان جي ملڪ ۾ صدين کان روايت هلندي اچي ٿي تہ "الحمراء" محلات جي ستن طبقن واري مناري جي هيٺيان جادوءَ جو بند خزانو

پريل آهي، چو نہ هلي پهريائين آن خزاني کي هٿ ڪرڻ لاءِ هي وظيفو ڪم آڻي. عرب اها ڳالهه قبول ڪئي ۽ آڌي رات جو ٻئي ڇڻا شهر ڇڏي "الحمراء محلات" واري منار جي ويجهو ويا جو ارد گرد ڀينگلي جهنگ سان گهيريل هو. بتي ڪٽي ويا هوا، جنهن جي جوت جي مدد سان هو پهرين طبقي تي پهتا. ڪنڊ ڪان هڪ چاڙهي زير زمين طبقي ڏانهن ڏسڻ ۾ آين، جنهنڪري ٻي آهستي آهستي هيٺ ويا. جتان وري ٻي ڏاڪڻ ڏٺائون، تان جو چوٿين زير زمين طبقي تي پهتا، جنهن ۾ ڪابه ڏاڪڻ ڏسڻ ۾ ڪانه آهن ۽ فرش هموار ٿهيل ڏسڻ ۾ آين. زماني گذرڻ ڪري ۽ گندگيءَ ڪري بدبو ۽ غلاظت کان دماغ چڪر کائڻ لڳن. آخر فيصلو ڪيائون تہ وظيفي کي آزمائجي. سو عرب سوداگر پيلي شمع هاري پخاليءَ جي هٿ ۾ جهلڻ لاءِ ڏني ۽ پاڻ ڪاغذ جو رول کولي وظيفو پڙهڻ لڳو، وظيفو ختم ٿيڻ شرط هيبتناڪ گوڙ ٿي ۽ فرش جو هڪ پاسو ڪلي ٻيو جنهن مان هڪ ڏاڪڻ ڏسڻ ۾ آئي. هي ٻئي رفيق خوف زده ٿيا پر دل جهلي هيٺين طبقي ۾ داخل ٿيا ۽ شمع هرندي رهي. آن طبقي ۾ عجب اسرار ڏسڻ ۾ آين، ڏسن تہ هڪ صندوق لوه جي پٽن سان مضبوط ٿيل پاسي کان رکي آهي، جنهن جي سنيال لاءِ ۽ عرب سپاهي هٿيارن سان هوشيار بيٺا آهن، خوف کان هراسجي ٿي پيدرو پڇڻ لڳو پر عرب خاطري ڏنيس تہ هي سڀ طلسم آهي ۽ هن وظيفي جي برڪت سان کير ۽ اسان کي نقصان پهچائي نہ سگهندو. درحقيقت هو ۽ ائين اهي سپاهي خود طلسم جي زور تي آتي ٻڌل هوا ۽ انهن ۾ ڪابه زندگي نہ هئي، بهرحال جانچ کان پوءِ معلوم ٿين تہ ڪيترا دلا سون، رپي ۽ جواهرن سان پريل قطارها رکيا هوا، مگر وزندار هٿ ڪري هنن جي ڪٿ جا نہ هوا، تنهن ڪري هنن في‌الحال سون جي سگهن، سون جي زيورن، موتين جي هارن ۽ هيرن ۽ جواهرن سان پنهنجي ڪوٺن جا ڪيسا ڪٽي پريا ۽ پاڻ ۾ صلاح ڪيائون تہ ڏينهن گذاري ڪو هار برداريءَ جو جانور ولي پوءِ دلا ڪٽيا ۽ آهستي آهستي پٽي واري ماڳ ڪٿ جو بندوبست ڪبو. اها صلاح بيهاري ٻئي ڇڻا ڪيسا ٻاهر ڪري باهر نڪتا ۽ انهيءَ طبقي کان باهر نڪري شمع کي جئين وسايائون تہ وري ٻہ ساڪيو اڳوٽون خوفناڪ آواز ٿيو ۽ آهو خزاني وارو چوٽون طبقو وري بند ٿي ويو ۽ فرش، فرش جوڙو ٿي ٻيو. هي ٻئي يار خدا جا شڪرانا بجا آڻيندا محلات جي ٽڪريءَ کان هيٺ لهندا، شهر غرناطہ ڏانهن روانا ٿيڻ لڳا وات تي عرب سوداگر پيدري پخاليءَ کي هدايت ڪئي تہ هن راز جو جيڪڏهن ڪنهن کي، خصوصاً القالدي کي پتو پيو تہ پنهنجو خير ڪونهي. تنهن ڪري هن ماجرا جو ڪنهن بني بشر سان ٻہ ذڪر نہ ڪجانءِ. پخالي خاطري ڏنيس تہ، هي ڳجهہ آءِ سر سان سانڊيندس. مگر عرب وري ٻہ ڳٽيءَ ۾ پئجي ڇيس، تہ "پاڻو تون تہ وعدو پاڙيندين پر پيلي تنهنجي زال هولتي بلبل آهي، آنجي هوٽ کي ڪو هنجو ڏجانءِ." پخالي خاطري ڏنيس تہ هو زال سان هڙڪ ٻہ باهر نہ ڪيندو. ائين چئي پيدري پنهنجي ٻنهي ۾ ٻہ رکيو سندس پير جي ڪڙڪي تي جوئس چار تي ويئل ڪڙ جيئن ڳاٽ ڪٽي ڪيڪراٽ ڪرڻ لڳي ۽ ٻئي هٿ مٿي تي هٿي پٽ ۾ پئجي چوٽ لڳي تہ،

"ٻاڻ نانگ نهڙ نينئي! سارو ڏينهن سنئون ڏنيون اٽلي ۽ "موراکو جي موٽرن" سان ملاقاتيون ڪيون اٽي تہ ڪو ڏوکڙ ڪونہ ڪمائي آندئي، جو پڇن جو ٻکيو پيٽ پرجي؟ هو ٻڇڙا بک ۽ پاڻ ٿي روج راڙا ڪري هينئر هنڊ پيڙا ٿيا آهن. سون نياڳي جو خدا ڪٽي تو جهڙي ناڪام سان ناتو اٽڪايو نہ تہ سون لاءِ ڪيئن مرد مٺدان مشتاق هوا. بس پنهنجي امر نصيب کان پانيان، ڪهڙو ڏوهہ ٻين کي لايان!"

پيڊري گهٽي ٿي پير ۽ ٻهانا ڪيا، پر عورت بنه بس نہ ڪري. لاچار ٿي سندس منهن تي مهر هڻڻ خاطر پنهنجا ڪيسا کولي سڀ مال متاع عورت جي اڳيان رکيائين، جو ڏسندي ٿي هوءَ حيرت کان حواس باختہ ٿي وئي ۽ وهم ويٺس تہ مڙس ڪنهن تولگر کي قتلام ڪري آن جو مال ڦري آيو آهي ۽ اجهو سپاٽي وري القالدي جو ٿو سڏئيس ۽ سواءِ سوريءَ جي ٻيو ڪو هنڊ هٽ نہ ايندس، ان ڪري ٻي انداز خوشي ۽ خوف سبب ڪيس هسٽيريا جا هڏڪا ٿي پيا. مڙس ويچارو حيران پريشان ٿيو تہ چا ڪريان. آخر ڪيس هنج ۾ ليٽائي ٻہ ٿي مٽيون ڏئي دلداريءَ جي لهجي ۾ سچي حقيقت ڪري ٻڌايائين، پر اهو وعدو ٻہ ورتائيس تہ هن ماجرا بنسبت ٻڙڪ ٻ ٻاهر نہ ڪيندي. ٻي ٻي مريم جو قسم کنيائين تڏهن پخالي ڪي زال جي پختائيءَ جي پڪ ٿي. ان بعد هو ٽڪ کان ليٽي رهيو ۽ اکهور نند ۾ ڪهوکهرا .هٽندو رهيو. پر جوٽس جي سڄي رات خوشيءَ جي خمار ۾ نند نيٽن مان نڪري وئي ۽ مڙس جي آندل مال جي هر هڪ چيز کي نرت سان نوڙي نهارڻ لڳي.

هنئين هر کندي، دل ڏڙڪندي ڪڏهن، سونو هار گلي ۾، تہ ڪڏهن موتين جي مالها ڳچيءَ ۾، تہ ڪڏهن ڪنگڻ ڪراين ۾، تہ ڪڏهن پازيب پير ۾ پائي ٽي ڏٺائين، تان جو سورج شاخون ڪيڏيون ۽ هار ۾ هر ڪري اٽندا اڀا ٿيندا وبا تانجو پيڊرو پخالي ٻ ڪر موڙي مسيح ۽ مريم جي مورت کي نمسڪار ڪندي، چٽائيءَ تي چست ٿي ويٺو. هارن بک ۾ پاه ٿي قوت لا يموت جي ترت تقاضا ڪئي جنهن ڪري پخالي خداداد خزاني مان ۾ سونيون مهرون ڪٽي بازار راهي ٿيو ۽ مهر هڪ دڪاندار کي ڏٺائين جو عربي پراٽو پر مائيدار سون جو سڪو ڏسي تهرس ۾ پئجي پڇڻ لڳو. پيڊرو وراڻيواهوسڪوتر"الحمراء" جي هڪ ڊير مان هٿ ڪيو اٿم. سونيءَ مهر جي بازاري بها تہ گهٽي هئي پر پخاليءَ کي اڌ قيمت نصيب ٿي، جنهن مان هو ڪاڏي پيتي جو سامان ۽ هارن لاءِ راندڪا وئي واپس گهر وارد ٿيو. قسمي انجام موجب جوٽس مڙس جي راز کي ٻہ ٿي ڏينهن گهوگهو ڪائي سينئي ۾ سانڊيو، تہ ٻہ خوشيءَ جون لهرون من ۾ موجزن ٿيندیون رهيس ۽ پاڙي وارين ۽ سرتين ساهيلن کي چوڻ لڳي تہ "ادي خدا خير ڪري تہ جلد ٿي آءٌ پير جي ڏينهن تي نئون وڳو زري مقيش سان ٺهرائيندس ۽ پڇن کي ٻہ ڪلنگيدار ٽوپيون پارائيندس ۽ ايندڙ اونهاري جي گرميءَ کان نجات پائڻ خاطر پهاڙن تي وينداسون، جئن منهنجي خاوند ۽ منهنجي پڇن جي صحت سڌري." سهيليون هن سورميءَ جا ٻول ٻڌاڪون ٻڌندي حيرت ۾ ٻڏل رهيون ۽ بيگم پيڊروءَ جي دماغي توازن وڃائڻ تي چرپر ڪرڻ لڳيون. بهر حال بيگم پيڊرو جيتوڻيڪ ساهيلن

جي سڪ تي سن کائي وئي ، مگر پنهنجي اندر جي اچل کي چوٽ چڏڻ خاطر گهر ۾ زو زيور زيب تن ڪري پٽ واريءَ ۾ پگهل آرسي ۾ پنهنجي حسن ۽ جمال جي ڪمال کي ڏسندي اندلس جي منهن موچارين منڊن سان ڏهني مقابلو ڪندي رهي. هڪ لڳا پنهنجو پاڻ پسائڻ ۽ وٺائڻ جي شوق کان راه ويندن کي دريءَ منجهاران ديدار ڪرائڻ لڳي. سڃاڻ جو عين اُن وقت پاڙيسري حرفتي حجام ۽ حجامت کان هٿ آجو ڪري پنهنجي دڪان جي دريءَ مان ڏسي رهيو هجي. جڏهين هنجي عقاب واري اکر بيگم پيڊرو جي سوني سر تي پيئي ، تہ هو عجب ۽ عبرت جي درياه ۾ ٻڏندو ترندو رهيو ، تانجو حسد جي آگ هنجي اندر ۾ اڌ مان آڏئي اٽي ۽ ترت وسلا ويڙهي انقالدي صاحب جي حضور حاضر ٿي ويو ۽ هنکي پنهنجو اکين ڏٺو احوال ڪري ٻڌايائين. حڪم موجب هيبتناڪ حولدار پخاليءَ کي پڪڑي القالدي اڳيان پيش ڪيو. القالدي صاحب غضباڪ لهجي ۾ پخاليءَ کي پڪاري چيو تہ "اي بدمعاش بهشتي! تو اڳي مونکي چيو هو تہ عرب مسافر پنهنجي مري مئو ۽ ڪجهہ ڏن دولت کانئ چڏيائين، سواءِ صندل جي صندوق جي، ۽ تنهنجي زال ليڙن جي لباس هوندي ، سون جا گهڻ گڇيءَ پايو الوليون ڪندي ڏسي ۾ آئي آهي. هاڻي قاسيءَ تي ڏڪڻ لاءِ تيار ٿي جو اها تنهنجي انتظار ۾ آهي." ويچاري پخاليءَ، القالدي جي هيبت ۾ هجي، ۽ سوليءَ جي سواريءَ کان سر بچائڻ خاطر سجي ماجرا اول کان آخر تائين ڪري ٻڌائي. القالدي توڙي سندس سائين کي هي حيرت انگيز داستان "الف ليله"

جو هڪ باب سمجهڻ ۾ آيو ، تاهم تحقيق ڪرڻ لاءِ هن حولدار موڪلي عرب سوداگر کي مارڪيٽ مان گهرائي ورتو. نصراني ملڪ ۾ ڪرستان قاضيءَ اڳيان ويچاري موراڪوءَ جي مسلمان جي ڪهڙي مجال جو ڪوڙ ڳالهائي، ڪنڌ بچائي وڃي، خصوصاً جڏهن پڪ هيس تہ ، هري بينل پخاليءَ، سڀ راز جو انڪشاف اڳي ٿي ڪيو هوندو ، تنهن ڪري هن ۽ سمورو احوال پيش ڪيو جنهن سان پخاليءَ جي پوري تائيد ٿي وئي ، تہ ۽ القالدي صاحب ڏڪا داسان ڏنن تہ جيڪڏهن پنهي راوين جي ڳالهہ ڪوڙي ثابت ٿي تہ کين سواءِ قاسيءَ جي هي کاڻ جاءِ پناه نہ ملندي. عرب سوداگر وراڻيو تہ " حضور ، ذرا ڏيرج کان ڪم وٺو ۽ اسان سان مال ۾ اڌ پائيواري ڪرڻ جو وعدو ڪندو تہ خزانو ايترو تہ اڪٺ پيو آهي جو اسان سڀني جون ست پيڑهيون پيون عيش عشرت ڪنديون" . القالدي جون اڻ ڪٽ خزانن جي خبر ٻڌي واڌون ويڪريون ۽ وات پاڻي ٿيڻ لڳو ، ٻهراءِ موجب آڏي رات جو القالدي صاحب ، حجام ، عرب سوداگر ۽ پيڊرو پخالي "الحمرا محلات" ڏانهن روانا ٿيا ، پاڻ سان باربرداريءَ لاءِ پيڊري جو ضبط ٿيل خر خراساني ۽ وڻي هليا ، آخر ستن طبقن واري مناري جي نزديڪ آيا ۽ سيئي سائي زير زمين جي چوٽين طبقي تي بتيءَ جي روشنائيءَ سان پهتا، جتي عرب سوداگر مين جي طلسمي شمع هاري ۽ ڪاغذ جو ويڙهو ڪيدي وظيفو ورد ڪرڻ لڳو، جنهن تي فرش ڪجکوڙ سان ڦاڻي پيو ۽ اڃا هيٺ وڃڻ لاءِ ڏاڪا ڏسڻ ۾ آيا ، ڪجکوڙ کان القالدي ۽ سندس همراه حواس باخته ٿيڻ لڳا مگر خزاني جي طمع، کين همٿ ڏياري ۽ سيئي هيٺين طبقي ڏانهن

لهي ويا جتي القالدي صاحب ۽ طلسمي هٿيار بند سپاهي ڏسي خوف زده ٿي ويو مگر وري ۽ دل جهلي هيڏانهن هوڏانهن نهاريائين تہ ۽ دلاسون ڏ هيرن جواهرن سان ڀريل نظر آيس ، ازانسواءِ لوهي پٽن سان پختي ٽيل پيتي ۽ نظر چڙهيس جي سڀ پيڊرو ۽ عرب سوداگر اڳي ٿي ڏسي ويا هوا ، بهرحال دلا هڪ هڪ ڪري پخاليءَ جي پٽن تي رکيائون تہ وڃي گڏ٥ تي لڏي ڏ موٽي اچي . القالدي صاحب حڪم ڪيو تہ پيتي ۽ مٿي کٹي وڃو جو ان ۾ تہ بي انت ڏ بي بها خزانو هوندو . پر ڪوري هٹ ڪري پخاليءَ کٹ کان انڪار ڪيو ڏ سوداگر ۽ نابري واري ، القالدي صاحب گهٹيءِ حشمتون ڏ دهشتون ڏيڪاريون مگر هنن ڪنهي انڪار ڪيو ڏ پيڊري تہ چيو تہ ڏٽيل دلن سان گڏ پيتي ۽ گڏ٥ تي لڏيندا تہ هنجي چيلهہ ٿي چور ٿي پوندي ، سوداگر دوباره القالدي کي سمجهايو تہ دلن ۾ ڪافي مال آهي جو اسان سيني جي طمع کي پورو ڪري سگهي ٿو ، تنهن ڪري فيالحال پيتيءَ کي اتي ئي رهڻ ڏيو ۽ القالدي صاحب نمرود جي بهشت بنائڻ جا خواب ڏسي رهيو هو سو ڪٹان ٿو پنهن جي ضد تان هٹي! هن حجام ڏ حولدار کي هڪل ڪئي تہ ”اڇو تہ پاڻ ٽيئي پيتيءَ کي ٻاڏ ڏيئي باهر ڪٹي هلون ڏ اوهان کي ۽ اپترو ان مال مان ڏيندس جو اوهانجو جو جڙ پڇو ڏاهي هوندو .“ طمع انسان کي انڌو ڪندڙ آهي ڏ ڏن دنيا ڏسي هنجو عقل ارن مان نڪري ويندو آهي . تنهن ڪري ٽيئي جٹا پيتيءَ کي پهريائين کولڻ جي ڪوشش ڪرڻ لگا تہ جي سڄي نہ ڪٹي سگهون تہ ۽ ڪجهہ مال لٹي وڃون . هو ٽيئي انهيءَ پٽ ڪوه ۾ لڳي ويا تہ عرب سوداگر ۽ پخالي ڏاڪا جڙهي مٿين يعني چوٽين طبقي تي پهتا ڏ پهچڻ شرط سوداگر شمع کي وسائي چڏيو جنهن تي وري ۽ چوٽين طبقي جو فرش هيبتناڪ آواز ڪندي سنڀون سڏو ٿي ويو ڏ هيٺيان هيٺ رهيا مٿيان مٿي. ويچارو پيڊرو پخالي خوف ڏ هراس ۾ پڏجي پڇڻ لگو تہ ” اي سوداگر! خدارا ٻڌاءِ تہ القالدي صاحب ڏ سندس ساٿين جو هاڻي ڇا حشر ٿيندو؟“ جنهن تي عرب صاحب پنهنجي سونهاريءَ کي سنواري چيو تہ ”ايهي ٽيئي الله جي امر سان انهيءَ جهنم ۾ تاقيامت رهندا ڏ ظالمن غاضبن ڏ طامعن کي الله تعالیٰ هن توڙي آئنده دنيا ۾ سزا ڏيندڙ آهي“. ائين چئي هن شمع جو ٽڪرو وٹي زور سان اچلايو جو ٽڪريءَ کان هيٺ وهندڙ داڙو نهر ۾ وڃي پيو. جنهن ڪري طلسم جو تعويذ پڙهڻ هميشه لاءِ بي اثر ٿي پيو. بالاخر ٻئي ڇٹا خزاني سان پريل دلا پيڊرو جي گڏ٥ تي رات ٿي رات ۾ لڏي پخاليءَ جي گهر آيا ڏ مسلمان سوداگر وعدي مطابق مال جو برابر اڌ ڪيو جو هنجي حوالي ڪيائين ڏ پنهنجو اڌ وري ۽ گڏ٥ تي رکي پنهنجي گهر پهچڻايائين . ٻئي صبح جو سويرو اڃان ”موراڪن مارڪيٽ“ چالوٿي هٹي تہ سوداگر ٻهانو ڪري اسپين چڏي پنهنجي ملڪ موراڪو ڏانهن هليو ويو. باقي پيڊرو پخالي سو ۽ حاسدن جي حسد کان نجات پاڻ خاطر هڪڏم بوريا بستر ٻڌي ، ڳچل پيتن ۾ خزانو لڪائي ، پنهنجي ڪڙڪيدار گهر ڏ ڏياڻيءَ ڏ پڇن جي ولر کي ڪونجن وانگر قطاري ٻاسي واري پورچوگال ملڪ ڏانهن لاڏاڻو ڪري ويو. جتي هن باقي زندگيءَ جا ڏهاڙا عيش آرام ۾ گذاريا .

سنڌيڪار- هڪل ڏهاڙ. شڪارپوري

طوفان اچي ويو!

طوفان اچي ويو!
طوفان اچي ويو! طوفان اچي ويو!
هو ڏس، ڪڙڪندڙ بجلي هنجي اچڻ جا اشارا ڏيئي رهي آهي!
اڪ! اڪ ڪائنڙ، هيٺنر ۽ اڪ، چاڪاڻ ته هنجو پياڪ پڙڪو ۽ ڪڙڪو، اوچن محلن جي ديوارن جون ڏڇون اڏائي ڇڏيندو!

هو ڏس، اولهه جي جهالر ۾ گهنگهور گهٽائون طوفان جو جهنڊو جهولائي رهيون آهن، هن جي ترچي نگاه جي اشاري سان، نديون ۽ نالا، لهرون هڻي رهيا آهن! ڏس ته ڪيئن نر هنجي تلوار جو وار ڪائي، آسمان ۾ بجلي ڦڪي رهي آهي! ڀاڻ سنڀال، نر ته تنهنجي وهمن جي دنيا کي طوفان هائي جو هاڻي تباه ڪري ڇڏيندو، پوءِ پلي ته صبح جي هير، ساڪ جا ڪوڙها وهائي، يا ڦلواريءَ ۾ڦولن ۽ گلن جي ورڪا ٽيندي رهيءَ ۽ تنهن هوندي ۽ هنجي غضب کان بچڻ لاءِ، حشر جي ڏينهن جون اکيون، چور جيان لڪي ليڻا ڀاڻ لڳنديون!

طوفان اچي ويو!
طوفان آيو يا قيامت جو پيغام ڪٽي آيو!
اڄ، هو توکي موت جي چنبن سان بڌي وڃندو!
ياد رک، جيڪو طوفان سان ساڻ نه ڏيندو سو سندس ٻاه ۾ سڙي خاڪ ٿي ويندو! ٻاه ۾ سڙ يا درياه ۾ تر. ٻنهي ۾ ڪو ۽ فرق ڪونهي!

جڏهن موت کان ڇوٽڪارو ڪونهي ته چو نه هن کي خوشيءَ سان گلي لڳايون؟

زندگيءَ کي کڏهن ۽ فنا ڪانهي، اها هميشه امر ۽ بقادار آهي.
جي زنده انسان وانگر جيڏيو آهي ته، طوفان جو سايو مٿي تي رهڻ ڏي ۽ پيرن هيٺان موت جي درياه کي وهڻ ڏي.
اونادان! ياد رک، زندگي گلن جي مالها آهي موت جي گلي ۾ وجهڻ لاءِ!
طوفان اچي ويو!
اڪ، طوفان جي تعظيم ڪر، اهو تنهنجو معزز مهمان آهي. ڪيس پنهنجي جيءَ ۾ جاءِ ڏي. دوست جو گهر ڏسي، هو اڄ ڪوئيو اندر لنگهي آيو آهي. هن سان پاڪر پائي مل. زندگيءَ جي پياليءَ کي جوانيءَ جي شراب سان تار ڪر ۽ پي مست ٿي وڃ، چو ته، توکي طوفان جو ساڻ ڏيڻو آهي.
اوبي سمجهه! ياد رک ته توکي طوفان جو ساڻ ڏيڻو آهي!

طوفان ۾ ايترو ته زور آهي جو اوچو ڪاٽ ڪٽي آسمان سان ڳالهيون ڪندڙ محلاتن ۽ مسجدن جا منارا هڪ پل ۾ اچي پٽ پوندا!
نادان! تون چوديواريءَ جي پاڇي ۾ پناه ولي لڪي رهيو آهين!
چپ چاپ نڪري وڃ!
دروازو پڇي باهر نڪري آ!
ميدان ۾ نڪري آ!
ڏس، سج ڦڏي رهيو آهي، اونده ڇائنجي رهي آهي!
هيٺنر ڪ موقعو ائيٽي،
هليو آ،
هليو آ، هليو آ، هليو آ!

ولي محمد "سخي"

"ڏيءَ جون ڪون"

سڏيم جنين سير ۾ آيا نہ اوڏا،
لهرن جا لوڏا، توڙئون مون تقدير ۾.
... ...

گيتي سمهي سيڪا سهرستي آئون،
اجل ڏنيون عشق جون لهرن ۾ لائون،
ڏيءَ پاڏائون، اڄ نہ ڏي "سخيا."
... ...

سرجڻ سڪ سميٽيا، چايس تڏها ڪون،
ڏکن ڪاتم ڏيل تي پڙتر پوشاڪون،
ساهڙ چنيون سير ۾ ٽڪي ڪان ٽاڪون،
ڏيءَ جون ڪون، اڄ نہ ڏي "سخيا."
... ...

اجل بحر انساه، سوين سنهڙيون پوڙيون،
ساهڙ لهج سماءُ، مونکي مؤذن سڏيو!
... ...

مؤذن مونکي سڏيو سير نئين اڌ رات،
پيانم آها سپرين منڊ ڏسڻ مڃات،
ميهر ملاقات، موت رهائي من ۾!
... ...

اچي عزرائيل ساگر ڪڏيم سير ۾،
جاتم جان جميل، خبرون ورتم خاوند
... ...

دنيا کور دفن، مون تان ساگر سام ٽيو،
ڪاتم ڪن ڪفن، ساهڙ ڪارڻ سير ۾.

نئين زندگي

فقير گهرام "سالڪ الهوليل"

"نہ ڪر ياد هرگز"

زمانی جا نيرنگ آهن پسارا،
ڪڏهن فقر فاقا ڪڏهن خوش گذارا،
مرڻ ۽ جيئڻ جا ترالا نمونا،
"نہ ڪر ياد هرگز."

ڪٿي وصل آهي ڪٿي فصل آهي،
ڪٿي نقل آهي ڪٿي اصل آهي،
ڪٿي آهي ماتم ڪٿي شادمانا،
"نہ ڪر ياد هرگز."

زماني ۾ ڪوئي ٿا هيئن هون گذارين،
تون تنڪي ڪندين چا جي ڪئين ڪٿين گذارين،
تون ڪرڪالهہ پنهنجي جو فڪر اي ديوانا،
"نہ ڪر ياد هرگز."

سدا حسن جي گرم بازار نہ آهي،
نڪي عشق جو زخم سدا يار آهي،
نہ آهن سدا پيار وارا زمانا،
"نہ ڪر ياد هرگز."

جي چاهين ٿو پنهنجي پلائي اي همدم،
تہ ڪر خير خواهي پيو سڀ سان تادم،
حسد جا ۽ نفرت جا ڪوڙا بهانا،
"نہ ڪر ياد هرگز."

سدا ميل اخلاص سان هل سڀن سان،
ڪلي پيار ۽ خلق سان مل سڀن سان،
جنهن ۽ چڏڻ جا اجايا فسانا،
"نہ ڪر ياد هرگز."

حياتي ٿو ڪوليين تہ وحدت ۾ ڪوليج،
اجايو نہ هلي طرف تون پاڻ روليج،
اي "سالڪ" دوئيءَ جا دورنگا فسانا،
"نہ ڪر ياد هرگز."

گيت

هل تہ هلون هن پار- سهڻا،
هل تہ هلون هن پار!
جاتي اڻ کٽ پاڻي آهي،
جاتي جل جي راڻي آهي،
جاتي نيرا نيرا ڏارا،
آب - زمزم جا ٻن نارا،
جاتي بوند بهار- سهڻا، هل تہ هلون هن پار!

رابيلن جا مکڙا جاتي،
لال گلابي گلڙا جاتي،
ڏيلون متواليون بہ نچن ٿيون،
مکڙيون پنورن سان پرچن ٿيون،
خوشبوءِ هڪار- سهڻا، هل تہ هلون هن پار!

کوئل جاتي کوکو لائي،
بلبل گل سان لانوان لائي،
طوطا طوطيون آڏرن ڪڏرن،
رنگ برنگي ناتا جوڙن،
جاتي پيار ئي پيار- سهڻا، هل تہ هلون هن پار!

بادل ڇڻ ڇڻ بوندون هاري،
نيرو ساگر لهرون ماري،
ڇيها ٻوٽا ڇهکن مهکن،
سمنڊ جون پريون ڪل ڪل لائن،
سارنگ ءِ ملهار- سهڻا، هل تہ هلون هن پار!

ورهن کانپوءِ ويلو ايندو،
متوالن جو ميلو ٿيندو،
ايندا مکڙا ويندا ڪشالا،
پيا مڌ پريا کي پيالا،
اکڙين منجهہ خمار- سهڻا، هل تہ هلون هن پار!

بيت

گهائن هڪڙي گهورسان، جيءَ، جسو ءِ جان،
اکڙيون تيرڪمان، آهن عجبن جون!

(۲)

مکڙي تي محبوب جي تجلا ڏئي ٿو تر،
هلائي ٿو بهشت تي بادشاهي ڪافر،
ظالم آ ظاهر، ڏتاري ٿو دلڙيون!

(۳)

اڄ الٽيهين اونداهيءَ ۾ بادل ءِ برسات،
ڏولڻ منهنجي گود ۾، ويٺو لوين لات،
الا اهڙي رات، وري ورندي ڪينڪي!

(۴)

زاهد وٺي ذوق سان، ڪوثر زمزم آب،
شباب ءِ شراب، آهي مستن واسطي!

(۵)

ملان ءِ ملنگ، اچلندءِ اوڙاه ۾،
ريٽي راڳ پراڻا، چور نوان تون چنگ،
اپري ايندا رنگ، ڏرتي ءِ آڪاس تي!

رشيد. آخوند.

وڏي پير جي وٽ

(افسانو)

اڄ جيئي شاه جي ٽڪريءَ تي "وڏي پير" جو ميلو هو. وڏيءَ ۽ ويڪريءَ ٽڪريءَ تي خبر نہ آهي تہ ڪيترن قبرن ۽ قبن کانپوءِ "وڏي پير" جي درگاه آئي ٿي، جنهنجي زيارت ڪاڻ، نہ رڳو آس پاس کان زالن ۽ مردن جا اڻلا آيا هٿا پر پين هنڌن تان بہ گهڻن ئي مائٽن سفر جي مٽي ساڻ، ڪٽي پري پري کان اچي ٽڪريءَ تي ديرو جمايو هو. هنن بہ شهر جا واپاري، جنجو پيرن بہ عقيدو چور بازاري ۽ بي ايماني جي مضبوط بنيادن تي ٻڌل هو، ڪلارڪ جيڪي زندگيءَ جي ڏوڙ ۾ پين کان پوئتي پئي پيرن تي ساه پٽڻ ايندا هٿا، ۽ زميندار جيڪي ظلم ڪرڻ لاءِ طاقت ٻنڌ ايندا هٿا، سي سيمٽي پنهنجون مرادون پٽڻ آيا هٿا.

ٽڪريءَ جي وسيع ميدان تانسج جا جهڪا ڍاڇا گم ٿي ويا، هوا ٽوورو زور سان هلڻ لڳي، هر طرف اونده، ڏئل ۽ بيئل قبرن ڪي ڍڪي ڇڏيو ۽ رات جي عارضي اونداهي قبرستان جي دائمي اونداهيءَ تي ڇائنجي ويئي. خليفي ميلي واري جاءِ تي، روشنيءَ جو سٽو انتظام ڪيو هو ۽ پيو تہ وري خلق جي دل وندرائڻ لاءِ گهٽو ڪجهہ مال موجود هو تنهن ڪري اوسي پاسي جي خوفناڪ ماحول جو اثر، ميلي واري جاءِ تي خير کو ٿي پيو! راڳ جي محفل گرم ٿي ۽ درگاه جي سڄي حويلي مائٽن سان ڀرجي ويئي. جن کي انـدر جاءِ نہ ملي سي باهر قبرن جي پر ۾ ويهي رهيا، ننڍڙا هار قبرن جي وچ ۾ ٿي سمهي رهيا.

خليفي جي ابن ڏاڏن جي قبرن کان ٽوروَ هريان، پير جون ديگيون چڙهيل هيون. هن پيري گهٽن ٿي وس وارن سکائون ڪيون هيون. جيئن تہ هوڏ اڇڻ ڪري فصلون ۽ ڏور ڏڳا پاڻي وهائي ڪٽي ويو هو، ان ڪري گهٽن تہ ديگون ان لاءِ بہ باسيون هيون جيئن وڏو پير وري هوڏ کي اڇڻ نہ ڏئي، اها ئي ڳالهہ آهي تہ هوڏ کان بچـڻ لاءِ بند ٻڌڻ واسطي ڪنهن هڪ پاسو بہ هڙان نہ ڪيو هو. ديگن جي عينان هريل باه جي چوڌاري ويٺل فقيرن ۽ سوالين سلڻي جي دم سان گـڏ "جيئي شاه" جا هلڪا ٽلڪا نعرا پئي هنيا.

"سائين بہ منٽ غريبن وٽ بہ ڪڇهري ڪيو" هڪڙي سوالين خليفي کي اينـدو ڏسي اڳندي چيو. خليفو سيٺ احمد سان اوپاريون لهواريون ڪري پئي موٽيو.

"نہ، جندل اڄ رات مون کي مٽي ڪنڌ جي بہ مهلت نہ آهي. ڪيئن جمعا خوش آهين نہ...؟"

"پير سائين جي دعا آهي..." جمي هٿ ٻڌي ڪنڌ لوڏي وراڻيو.

"ابا شل سدائين سکيا رهو!" ائين چوندو خليفو اڳتي وڌي ويو.

حقيقت بہ خليفي کي مٽي ڪنڌ جي تہ ڇا، پير ڏڳهيري سمهڻ جي بہ فرصت هئي ڇو تہ

ميلي جو سمورو ڪم مريدن جي سر تي هو، ۽ اهڙن ڳالهيون ڪڏهن ئي ظاهر نه ڪيون آهن، تنهن ڪنهن سواءِ سوالين سان اٺ ويهه ڪرڻ خليفي جي شان وٽان نه هو، اها ئي ڳالهه هئي نه ڀنگ چڪو هو يا پئندو هو.

خليفو ڪٿي ڪٿل ساوڪ کي لتاڙيندو ٻنهنجي حجري ڏانهن پئي ويو. پير ۾ ڪوٽائي جيءَ جي بدران بوٽ، مٿي تي پڙڪيدار اڇو ٽڪو ۽ ڪلهن تي اجرڪ پيل خليفو سرءَ جي وٽن وانگر ٿي لڳو جن ۾ فقط سڪل ۽ سيڪل ناريون هونديون آهن. هنکسي ان ڳالهه جو احساس هو، تنهن ڪري ڏاڙهيءَ کي هميشه خضاب سان لعل رکندو هو. زالن جي تنبوءَ کان ڊرندو، هو هڪ جهوپڙيءَ ۾ ڪهڙيو. اندر فقط هڪ ٻيو ويڙو هو جنهن جي ڇهري مان مريدي پئي بکي.

"اڙي بچل کي ڪٿي ڏئين؟" خليفو ڪٽ تي اچي ويٺو.

"هئو سائين، حويليءَ ۾ آهي." ٻيو همشهر نندڙن جملن ۾ ڳالهائيندو هو.

"چگو پلا ٻيج ـ سگهو وٺي اچينس. چئينس ته خليفي ضروري ڪم لاءِ گهرايو آهي."

"هئو سائين" ٻيو هليو ويو ۽ هو هٽ تي ليٽي ڪڪائين ڇت کي گهورڻ لڳو. سندس ذهن هڪ تصوير ٺاهڻ جي ڪوشش پئي ڪئي. هڪ معصوم وڏين اکين واري ڪوٽائي ۽ جي سونهن جوانيءَ سان پريل تصوير. جيئن جيئن نقش اکين آڏو آپرندا ٿي آيا تيئن ٻيڙي خليفي جي جوان دل زور سان ٿي ڏڙڪي ۽ وري جو ٽڏي هير ميدانن مان اچي سندس ڏاڙهيءَ جي وارن سان هٿ چراند ڪري کين چڙوچڙ ڪيو ٿي ته هنجي وات مان بي اختيار ٿي نڪري ويو، "مٺان!"

مٺان بي حد حسين هئي. سڄي راڄ ۾ هو ٻنهنجو مٽ ٻاڻ هئي. هي صحيح هو ته هو هڪڙو جهنگلي گل هئي، پر اهڙن گلن کي ۽ ٻنهنجي انفراديت آهي. هنن ۾ هڪڙي خاص خوشبو هوندي آهي، هنن کي ٻنهنجو الڳ رنگ آهي. ٿي سگهي ٿو ته شاعرن لاءِ هنن ۾ ڪا ڇڪ نه هجي پر هي گل سادي دل رکندڙ ڪوٽائن لاءِ زندگيءَ جو سڀ کان قيمتي سرمايو هوندا آهن. هنن ۾ ڪلو پترا جي شوخي ۽ شيريني جون ادائون نه ۽ هجن پر ليلي ۽ شيرين واري دلربائي ضرور هئي ۽ مٺان انهن خوبين جو سڄو نمونو هئي. خليفي مٺان کي رڳو هڪ دفعو ڏٺو هو جڏهن هوءَ ٻنهنجي ماءَ سان پير جي زيارت ڪرڻ آئي هئي. خليفي کان زالون تعويذون ترو يا خاڪ شفا وٺي ويندڙيون هيون تنهن ڪري ڪانئس پردي ڪرڻ جو سوال ئي پيدا نٿي ٿيو. مٺان جي ماءَ ۽ هنکي ساڻ ڪري خليفي کان دعا ڪرائڻ آئي پر خليفي مٺان جي مٿي تي هٿ رکي دعا ڏيڻ جي بدران دل ڏيئي ڇڏي. هوءَ وري ڪيس نظر نه آئي ۽ ٻاڻ ته ويئي ۽ خليفي جون ۽ نندڙون ٻاڻ سان ڪٽي ويئي.

ان بعد خليفو هميشه ويڳاٽو رهڻ لڳو ۽ دل ڪڙي ڪري پئي وقت گذاريائين. آخر ڪجهه ڏينهن کان پوءِ هن مٺان جي ٻانهن لاءِ گهر ڪئي، پر نااميديءَ جو سنهن ڏيڻو پيس. هوءَ پريل سان مڱيل هئي. مٺان جي پيءُ چيس ته جيڪڏهن ڏيءَ مڱيل نه هجي ها ته هو وڏي خوشيءَ سان هنجي ڳالهه رکي ها. هاڻي خليفي

پريل جي خلاف وڏيون سٽون سٽيون ، پهرين هن کي ٻڌي جي لالچ ڏني ته جيئن هٿ کٽي ۽ جڏهن پريل نه مڙيو ته هن ڊپ ڏاڪ کان ٻه ڪم ورتو ، پر ڪڙ تيل نه نڪري نه نڪتو مٽان پريل جي رگ رگ ۾ سمايل هئي . هوءَ سڌس زندگي هئي . ڪوٽاٽا پنهنجن قول قرارن کي توڙ تائين نياڻيندا آهن ۽ پريل به مٽان سان قول ڪيا هئا . انهيءَ هوندي به خليفي دل نه لاڻي . ڪوشش پٽيان ڪوششون ڪندو ٿي آيو. اڄ جڏهن هڪڙي مريد اچي ٻڌايس ته ٻن ڏينهن کان ٻوءَ مٽان جي شادي ٿيڻ واري آهي ته ٻڌڻ شرط خليفي جي پيرن هيٺان زمين نڪري ويئي. هن نئي پانيو ته ايترو جلد کو شادي ٿيندي .

هو سخت پريشان ٿي ويو . اهوئي سبب هو جو اڄ ۽ هن کان کوپ ڪم نه پڳو هو جلدي اچي پنهنجي حجري ۾ ويهي رهيو . هن سوچيو پئي ته هاڻي چا ڪجي ۽ انهيءَ ذهني چڪتاڻ ۾ مٽان جو ڊگهو چهرو وري اکين سامهون ڦري آيس . وري هن جي دل زور سان ڏڪڻ لڳي . هو اڃان انهيءَ عالم ۾ هو ته در تي ڪنهن جي اچڻ جو آواز ٿيو .

" ڪير آ ؟ " خليفي کٽ تان ڪنڌ مٿي کڻي پڇيو .

" بابا سائين بچل ڪي وٺي آيو آهيان " ٻڌي وراڻيو .

" بچل ، بابا اندر اڄ ته ٻڌاتون وچ ٻاهر " ۽ ان بعد ديئر تائين خليفو بچل کي ڪي گاله ٻڌائيندو رهيو .

درگاه تي ٻي رات ميلي جو ڏاڍو زور هو . حويليءَ ۾ راڪيندڙن جو تعداد وڌيل هو ، زالن جي سريلي آواز ، روحن کي ٻڌي رچايو . اندر درگاه ۾ فانوس ۽ ميڻ بتيون ٻاري ايترو روشنائي ڪيئي ويئي هئي جو سڄي حويلي روشني ۾ ٻڌي جرڪي . اگربتين ۽ لوبان جو واس چوڌاري پکڙيل هو . ڪي پير جي مدحن ۾ مشغول هئا ته ڪي چرس ڪشيءَ ۾ هي مذهب ۽ دنيا داري جو آدرشي اتحاد هو پير جي ڪني صبح کان پئي هلي . لنگر مان سيني ڪائي ڏءَ ڪيو هو. اڄ رات سيڪان وڏي ڳالهه هي هئي ته پير تي نئين چادر چڙهڻي هئي . ان ڪانسواءَ وٽ ورائ جو به موقعو هو . تنهنڪري گهٽا ماڻهو هڪ وڏي قطار ٺاهيو ويٺا هئا . دروازي وٽ ته گهٽو گوڙ هو . بچل به هنن ۾ هو . هر ڪنهن جي اها سڌ هئي ته پهرين وٽ ڪيس ملي ، ڇو جو هي پاڪ پلاري هجڻ جي نشاني هئي . چادر اڃان نه چڙهي هئي . خليفي جي اچڻ جو انتظار هو . خليفو ٿورو وقت رکي آيو . سيٺ احمد سائس گڏهو رواج موجب خليفي پنهنجن هٿن سان پهرين چنيون ڪٽي سزار تي کولي رکيون سرمي ساري ۽ زري سان پريل هي اطلس ۽ سائن جون چنيون فانوس جي روشني ۾ ڏسڻ لڳا ! استعمال ڪثرت سان ڪيل هو . سيني جون اکيون آڻهن جي چمڪي ۽ خوبصورتي ۾ ڪٽل هيون ، خاص ڪري زالن جون ، جن جي منٿن تي سادين اجرڪون پيل هيون . هنن مان ڪن پنهنجن ٻنن ۽ ڏيئن جي ڏاج ۾ اهڙيون چنيون ڏيڻ لاءِ سوچي رهيون جڏهن هي رکجي ويون ، ته خليفي چادر کي هڪ ڪنڊ کان جهليو ، ٻئي ڪنڊ سيٺ احمد ڪنيو ۽ باقي ٻن ڪنڊن لاءِ خليفي بچل ۽ هڪڙي

ٻي ماڻهو کي سڏيو. انکي ماڻهو سس مس ڪرڻ لڳا ٻچل کي چادر چاڙهڻ لاءِ چو سڏيو ويو؟ ٻچل جيڪو ڏاڙيل هو، خوني هو، جنهنجي دل ۾ رحم جو ذرو به نه هو جنهن سوين ڪلور ڪيا هٿا.

"پر ادا خليفي کي ڪو ٻيو نيڪ ماڻهو نه مليو. اسان ته سڄي چمار ۾ اهڙو عجب نه ڏٺو." نظار مان هڪڙي ٻي سان سس پٽڪو ڪيو.

"پير سائين جنهن کي گهري تنهن کي نوازي خليفي جي هٿ وس جـــي ڳالهه ٿوري آهي." هڪ اڇي ڏاڙهي واري تجربي جي ڳالهه ٻڌائي. ۽ جي چورن ۾ ڏاڙيلن کي هيئن هٿي ملي ته ملڪ جو واهي الله! ٻوءِ ته هو وڻ گهوڙو ٻڌن ڪين ڏيندا، ڏينهن ڏني جو ماڻهو ماريندا وٺندا." هڪ نوجوان چيو.

"ڪالهه ٻچل کـي به نوڪو ماري ويو،" هڪ نينگر واڪو ڪيو، "بند جي پرسان سندس لاش ٻيو هو."

ان ڳالهه جو جواب ڪنهن کي نه ڏنو ۽ هو وري ڪنڌ اندر ڪري خليفي ڏانهن نهارڻ لڳو، جنهن هينئر پنهنجن دروٽ سيٺ احمد کي "پهرين وٽ" ڏني. وٽ وڻي هو ٻئي هٿ سان ۽ ساوا نوٽ خليفي کي ڏيئي هليو ويو. ٻيو وارو ٻچل جو هو. وٽ ڏيڻ کان اڳ خليفـــي هيڏانهن هوڏانهن ڏنو ۽ ٻوءِ وٽ سان گڏ ٻه سو رپيا هنجي جهليل پل ۾ لڪائي وجهي چڏيا. ٻچل ٿورو مرڪيو ۽ پل بند ڪري هاءِ نڪري ويو.

سڻي، سهڻي، ٺاهوڪي ۽ شاندار پوشاڪ!
ڪٽنگ عاليشان، سلائي دلپسند
قسمين قسمين نمونا ۽ رنگ برنگي ڪپڙا.

ڪٽـــي ؟

مغل عنايت الله اڪنڊ سنس

مقابل ڊوميڊيڪل ڪاليج،
بندر روڊ، ڪراچي.

قديم فرم، آسوده، سمجهو ۽ چڱن ماڻهن جو مان ۽ شان.
تشريف آڻي، خدمت جو موقعو عنايت ڪري، هڪ دفعو ضرور آزمايو.

فون نمبر ٣٠٥٦١

مغل عنايت الله اڪنڈ سنس ڪراچي

اسان کان هيٺيان ڪتاب گورايو.

(١) قائد اعظم ٢-٠-٠ (اردو)
(٢) حيدر ڪرار ٠-١٢-٠ (اردو)
(٣) حضرت عثمان ٠-٨-١ (Othman) (English)
(٤) دنيا کي ڪهاني (حصو اول) ٠-١٢-١
(٥) ٣٣٣ (حصو دوم) ٠-٨-١
(٦) ابتدائـــي معاشيات (اردو) ٢-٠-٠
(٧) اردو کا نيا عروض ١-٠-٠
(٨) جواهرالقرآن ١-١٠-٠ (قاضي عبدالرزاق)
(٩) معلم العربيه (اول) (قاضي عبدالرزاق) ٠-٤-١
(١٠) معلم العربيه (دوم) (قاضي عبدالرزاق) ٠-١٢-١

انهن ۾ اهڙن ٻين علمي، ادبـــي، مذهبي ۽ تاريخي ڪتابن جي ملڻ جو هنڌ.

اقبال بڪ ڊپو، ٽرام جنڪشن، صدر ڪراچي.

ثريا ياسمين

تلاش

هائي مان چاکرہان؟
جسم چور!
منزل ڏور!
سکون جي منزل جي تلاش ۾،
جسم گڏروح کي ٻ ٽکائي وڏم! ... ۾،
ايا اوجھڙ ۾ آهيان!
هر پيچرو ورتم،
شايد اهو منزل کي سڏائو هجي! ... ۾،
هر راه ۾ هو،
مايوسين جو غبار!
انديشن جو چار!
اڪيلو سفر،
نہ سائي نہ ٿمر،
سک جي چانو ڪان محروم،
زندگيءَ جي تکيءَ ۾ نٽھڻ اس ۾،
هستيءَ جو بار ڪنھن تي،
پچاءَ جي پگھر ۾ شرابور،
هاءِ چو ٻي ٿمر نڪتس!
هاءِ چو نہ سونھون ساڻ کيم!
منزل جي تلاش ۾،
ڏولاون سندي راه ۾،
رکو ناڪامي جا سنگ ميل ٿي ايندا وچن ٿا!
آف، هي ٽڪل، مايوس ــ ۽ غمگين روح!

پڪار

آ پرين، کي ديپ جگ مگ ھاريون،
جن ۾ مايا جو هجي رت تيل جان،
جي ترڻ ڏک جو انڌارو نور سان،
لاٽ جن جي رک ڪري فرعون کي،
جوت جن جي سان فلک ڀھڪي اٿي،
آ پرين، سي ديپ جگ مگ ھاريون،
راڄ ڏن جو ٽاريون!
آ پرين .....
آ ملا، کي گيت اڄ جھونگاريون،
راڳ دواران ڦوڪيون اڄ مورکو،
روح جرکن، ياڳ جاڳن، مرکيو،
ھول ملڻ، سرمدر وايو کيڏي،
کوٽ ذوم سان، پٽ پون عالم ڏڏي،
آ ملا، سي گيت اڄ جھونگاريون،
آ پنگت هي گاريون!
آ ملا .....
آ سڄڻ، دنيا نئين اوسارون،
اڄ افق تي چند نٽون اوپاريون،
فرق جو سنڄ گنج سندو، ميسارون،
سک سمانتا، اڄ هردم جت ڪري،
ماڻھو مت، ميڙ محبت، جت هجي،
آ سڄڻ، دنيا اها اوسارون،
آ بدل پٽ تاريون!
آ سڄڻ .....

حواجہ سليم

شيخ حفيظ

ساگر جي لهرن تي (افسانو)

شهر جا سپ وڏا وڏا ڊاڪٽر اچي شهباز خان جي جاءِ تي ڪٺا ٿيا هيا ۽ شهباز خان هر هر وقتي ٿي اٿيو: "ڊاڪٽر صاحب! ڪجهه ڪيو، هر سنهنجي پڙيءَ کي بچايو... ڊاڪٽر صاحب! ... ڪجهه ڪيو... ڪجهه ڪيو..." رکي رکي هڪ نه ٻي ڊاڪٽر، هٿ هيل شادان جي سيني تي ساهه تپاسڻي رکي سنڊس ڏيري ڏيري ڏڪندڙ دل جي آواز ٻڌڻ جي ڪوشش ٿي ڪئي ۽ وري، ڪنڌ هيٺ ڪري ڪجهه وچارينڊو، پسار ڪيدو ڪمري جي ٻيءَ ڪنڊ ڏانهن سري ٿي ويو. شادان پنهنجي بستري تي بيهوش پئي هئي، سندس ٻيءَ شهباز خان گهڙيءَ گهڙيءَ ويچار ۾ پئجي ٿي ويو: "جيڪر اڳ ۾ انهيءَ ڳالهه جو خيال ڪيان ها... ابول! ... هاڻي ڇا ٿيندو؟ ... ويچاري ... چوري چني! ...

مون ڪجهه نه ڪيو..." ۽ وري ڊاڪٽرن تي ليلائن تي لڳي ويو.

شادان زهر ڪاڏو هو. پنهنجي مائيجي مائ جي سورن سختين کان تنگ اچي هن زهر کاڏو هو. ويچاريندي رهي هئي ته ڪڏهن اهو ڏينهن ايندو جو ڏاڻ جهڙي مائيجي مائ مان جند ڇڏائي وڃي پنهنجو گهر وسائيندي. پنهنجي گهر بابت هن انيڪ ننڍا ننڍا سپنا ڏٺا ها ۽ خيالي پلاءَ پچايا هٿائين. هن سوچيو هو، هن جو گهوٽ ڪانواٽ جيڏو قدآور جوان هوندو جنهن جا نيٺ جوانيءَ جي نشي ۾ خماريل هوندا، وار ڪارا ڪارا نٽين زندگي بادل هوندا، چنڊ جهڙو مکڙو ۽ موتين جهڙ ڏندڙ هوندا ۽ پوءِ هن جي ويچارن تي ويڏيءَ جي رات چو سمان چانڊڻجي وئي هئي ۽ هن جي دل جي ڏڪ ڏڪ تيز ٿي وئي هئي— منڙا منڙا ويچار، منڙين منڙين گهالهين جا، ڪنوارين نينگرين جو ڏاج ۽ انهن خيالن جو ڪوٽ اپو ٽيندو ويو، اپو ٽيندو ويو تانجو هڪ ڏينهن جڏهن شادان دريءَ مان جهاتي پائي رهي هئي ته اوچتو نوڪرائيءَ پٽيانس اچي چيو هيو "سائڻ! اهو سامهون، ڪار وٽ، بستول سان گهوٽ بيٺو آٿي." ڏم ڏم ڪندو شادان جو سڄو خيالي ڪوٽ اچي پٽ ٿيو. سامهون پوڙهو ڪنجو دلاور گل — سندس ٽين وارو گهوٽ — ٻيلا ٻيلا ڏند ڪيڍي، ٿهه ٿهه ڪري کلي رهيو هيو.

دلاور گل جي پوائتي شڪل شادان جي دماغ تي پوت بنجي چانڊجي وئي. ڪيترا ڏينهن هوءَ انهيءَ جهوريءَ ۾ جهرندي رهي. پنهنجي مائيجي مائ کي دل ئي دل ۾ پاراتا ڏيندي رهي. انهيءَ ئي ته شادان لاءِ دلاورگل ڪي چونڊيو هو. شهبازخان ته ننو اکڙ واري ويٺو هيو ۽ پوءِ ننڍي نيٽيءَ زال اڳيان مڙس جي دال ڪئي ٻٽي ڳري ۽ ڪٽي چٽن چٽو لاتائين ۽ گهٽن گهٽن ڏينهن پچاڻان، جڏهن شاديءَ جي سوٽن سالن شروع ٿين ۽ باقي کي ڏينهن هيا، ته شادان هڪ رات، دير دير سان، زهر پي سمهي پئي.

صبح جو جڏهن پهر سج چڙهئي ۽ شادان هٿ

چڏي نہ آئي تہ مائيجي مائس سنبري هاڻي ڪيس دپ پٽائڻ ۽ پر ڪوئيءَ ۽ پير پائيندي ٿي جيڪا حالت ڏنائين تنهن تي رڙ ڪري اٿي. دانهن تي شهبازخان ۽ لڙي آيو. ڏيءَ جي حالت ڏنائين تہ ڏهڪي ويو. ۽ ٻوءِ سڄو ڏينهن ويڻي شهر جي ڊاڪٽرن کي گهرائي منٽون ڪيائين تہ ڪنهن پر چوڪريءَ جي حياتي بچائي ونن. ڏينهن لڙئي تائين ڊاڪٽرن ويڻي شادان جي نڙيءَ ۽ ڦڪيون اوتيون سانجهن ٽاڻي مس مس وڃي آس ٿين. "مبارڪون هجنو خان صاحب! ڏٽي ڪندو، نينگري بچي پوندي،" هڪڙي ڊاڪٽر چيو ۽ ٻوءِ آهستي آهستي شادان چاڪ ٿيندي وئي. هفتي ڪن کان ٻوءِ تہ گهاڻ اٿين ٿي وئي ڇڻ ٿي ڪاهه هئي. پل ۽ زهر ڪائي وهڻ جو قصو اٿين هلايو ويو جو ڪنهن کي گمان ۽ ڪين ٿيو تہ ڪو شادان آپ گهات لاءِ سنبري هئي.

آپگهات ڪرڻ ۽ ناڪام ٿيڻ تي شادان من ئي من ۾ ويچاريندي هئي تہ هاڻي چا ڪجي. هنجي مائيجي ماءُ هاڻي ڪيس ڪجهه ۽ ڪين چوندي هئي. آرام ۽ سکون جي زندگي گذرندي هئس. ڪڏهن ڪڏهن سو دلاورگل جي بچڙي شڪل هنجي دماغ جي پردن تي اسري ايندي هئي ۽ هنجا لڳ ڪانڊارجي ويندا هيا. شهبازخان شادان جي ناخوش هجڻ سبب شادي کي هٿائي ڇڏيو هو. هن سوچيو، شادان جي دل جاءِ ٿئي تہ ٻوءِ شادي ڪرائي ڇڏي.

ڏينهن گذرندا ويا، آرام ۽ سکون جي زندگيءَ شادان جي ستل اڏمن کي اپاريو. هنجي مرجهايل کوماٽيل زندگي، ڪرموڙي اٿي ڪڙي ٿي. سونهري سپنا وري هنجي ويچارن ۾ رچڻ لڳا ۽ هوءَ جهيڻين جهيڻين خيالن اکين سان اوسي پاسي واجهائڻ لڳي.

گهرندڙ کي سيڪو گهري، جيئن تہ شادان جي من جي دنيا ۾ ۽ بهار جي مٺي هير جا جهوٽا پيهي آيا. نيڻ اٽڪيا، پيار ٿيو، روح چڪيا ۽ واعدا اقرار ٿيا. پريت جون ڪنديون ڪوڙيءَ ول جي ڪنديين سئون وڇڙندهون وهون ۽ هڪ ڏينهن جڏهن شهبازخان نيرن ڪري رهبو هوتہ نوڪرائيءَ اچي چيو "سائين! شادان بيبي ڪمري ۾ ڪانهي." "هون؟" شهبازخان پنهنجي هٿ وارو گرهه ورائي رکابي ۾ رکندي چيو ۽ ٻوءِ ٻرانگهون پريندو شادان جي ڪمري ڏانهن وڌي ويو. هنڌ تي وهاڻي جي پاسي ۾ هڪ مڙيل سڙيل خط پيو هو، شهبازخان ڏڪندڙ هٿن سان کولي پڙهيو. لکيل هو.

بابا!

"زندگيءَ جي سفر ۾ آءٌ ڏاڍا اڻانگا پيچرا لتاڙيندي رهي آهيان. تانگهه منجهان مان ساگر جي لهرن طرف آس مان نهاريندي رهي هيس پر جڏهن مونکي معلوم ٿيو تہ منهنجي سفر جي پڇاڻي ڪنهن آڙاهه ۾ ٿيندي تہ مون زندگيءَ تان هٿ کڻڻ مناسب سمجهيو. اوهان مونکي بچائي ورتو ۽ مونکي پنهنجي زندگيءَ لاءِ ڪا ٻي واهه ڳولڻي ٻڌي.

اڄ آءٌ پنهنجي جندڙيءَ جي ٻيڙيءَ کي ڏکي زماني جي چولين تي ٿي ڇڏيان. مون پنهنجو جيون ساڻي پاڻ چونڊيو آهي. اسانجيون ڪڇڙيون ٻانهون شايد هن ساگر جي چولين جو مقابلو چگيءَ ٻر نہ ڪري سگهن ٻر تنهن هوندي بہ آءٌ همت ڪين ٿي هاريان. هارئي پڇاڻان داءُ لڳائڻ ۾ ڊپ کهڙو! آس اٿم تہ اوهان منهنجي پل چڪ کي معاف ڪندا. جنهن آڙاهه مان جند ڇڏائڻ لاءِ مون هي قدم کنيو آهي، تنهن کان آءٌ هرحال ۾ بهتر رهندس. اوهان جي دعا ساڻ رهي تہ آءٌ پنهنجا ڏينهڙا خوشيءَ سان گهاري سگهندس. فقط شادان.

(آندل صفحي ٣ تان)

٤٦. منتخب شاه جو رسالو | جملي صفحا ٣٨، پنو ۽ چپائي چگي. قيمت لکيل کانهي.

ڪلام سهيڙيندڙ خواجہ هاشم لعلو. ملڻ جو هنڌ خواجا هاشم لعلو، مارڪيٽ، حيدرآباد سنڌ.

٤٧. رسالہ حقيقت - دين | مترجم ماسترمحمدصديق "مسافر"، جملي صفحا ٥٧. پنو ۽ چپائي چگي. قيمت لکيل کانهي. ملڻ جو هنڌ:- اسماعيليہ ايسوسيئيشن ڪراچي.

٤٨. ريلائي پير | مؤلف علي محمد خان سيال. چپائيندڙ پير علي محمد "اظهر". اشاعت جو سال ١٩٥٤ع. قيمت لکيل کانهي.

٤٥. جام ڪوثر | قصيدي بردي جو ترجمو از عبدالله اثر قيمت ٠-٨-٠.

٤٩. چراغ - حقيقت | مرتب خواجہ سلطان علي "فدائي" اشاعت جوسال ١٩٥٥ع قيمت ٠-٠-١ پنو ۽ چپائي عمدي.

٥٠. چراغ - حقيقت | هيءَ ڪتاب جناب خواجہ سلطان علي. آر. "فدائي" شاہ پٽائي جي رسالي مان ڪلام چونڊ ڪري ترتيب ڏنو آهي. چاپيندڙ:- "اسماعيليہ ايسوسيئيشن فار پاڪستان، هئرس روڊ ڪاراچي نمبر ٢" آهي. پنو اعليٰ، چپائي چٽي دل وٺندڙ آهي. هيءَ ڪتاب ٦٠ صفحن تي پکڙيل آهي. ٽائيٽل سادو، مگر دلڪش آهي. هن چونڊ ڪلام جي شروع ۾ شاہ لطيف جي حياتيءَ جو مختصر احوال پڻ ڏنل آهي. ان کان پوءِ مضمون وار شاہ جي رسالي مان بيت چونڊي رکيا ويا آهن. ڏکين لفظن جي حاشيہ ۾ معنيٰ ۽ تشريح پڻ ڏنل آهي. ايترين خوبين هوندي قيمت في ڪاپي هڪ رپيو رکي وئي آهي. ملڻ جو هنڌ:- "اسماعيليہ ايسوسيئيشن فار پاڪستان هئرس روڊ ڪاراچي نمبر ٢."

٥١. تاريخ - امامت | هي ڪتاب جناب شيرعلي عليڏني، جنرل سيڪريٽري "اسماعيليہ ايسوسيئيشن، پاڪستان" ڪاراچي نمبر ٢، جو لکيل آهي. هن ڪتاب ۾ اسماعيليہ تحريڪ جي پوري تاريخ ڏنل آهي. هيءَ ڪتاب اٽڪل پنج سو صفحن تي پکڙيل آهي. سنڌي پولي جي تاريخي ڪتابن ۾ هن ڪتاب جگو چوکو وڌارو ڪيو آهي. پنو سئو، چپائي اعليٰ درجي جي ٽائيٽل سادو مگر دل وٺندڙ آهي. سنڌي ادب جي گهٽگهرن ڪي هي ڪتاب گهرائي پنهنجي تاريخي ذخيري ۾ اضافو ڪرڻ گهرجي. ملڻ جو پتو:-

"اسماعيليہ ايسوسي ايشن پاڪستان، هئرس روڊ ڪاراچي نمبر ٢."

٥٢ گنجينهءَ ادب (فارسي) | هيءَ ڪتاب جناب مولوي حافظ سيد جلال الدين احمد جعفري زينبي سابق پروفيسر گورنمنٽ ڪالج الہ آباد بمو ترتيب ڏنل آهي. سنڌ يونيورسٽي هاءِ اسڪولن لاءِ بطور ٽيڪسٽ بوڪ منظور ڪيو آهي چپائيندڙ ادارهءَ شرڪت مصنفين ڪراچي نمبر ٣ انڊين لائف انشورينس بلڊنگ پٽيان ڊنڊاس اسٽريٽ، صدر ڪراچي. هن ڪتاب ۾ فاضل مرتب فارسي ادب مان بهترين شاهڪار پيش ڪيا آهن. جنهن مان شاگردن ۾ فارسي ادب سان دلچسپي پيدا ٿي سگهي ٿي. هن ڪتاب جا ٻہ پاڳا آهن: نثر جو حصو ۽ نظم جو حصو. جن شاعرن ۽ نثر نويسن جا چونڊ ٽڪرا ڏنا ويا آهن، تن جي حياتيءَ جو مختصر احوال پڻ ڏنو ويو آهي. هيءَ مجموعو ٢٢٨ صفحن تي پکڙيل آهي. پنو چگو، چپائي چٽي. جلد پڪو قيمت سوا ٻہ رپيا. ملڻ جو هنڌ:

مئنيجر:- شرڪت مصنفين، عتب انڊين لائف انشورينس بلڊنگ، ڊنڊاس اسٽريٽ، صدر ڪراچي.

رعيتي راج جي ڏينهن جي موقعي تي

١ جناب محمد علي وزير اعظم پاڪستان، ترڪي جي وزير اعظم جو استقبال ڪري رهيو آهي.

٢ جناب مولوي اي. ڪي. فضل الحق گورنر اوپر پاڪستان "يوم جمهوريه" جي موقعي تي فوجن جي سلامي وٺي رهيو آهي.

٣ رعيتي راج جي ڏينهن جي خوشي ۾ مشرقي پاڪستان جي اسڪولن جون ڇوڪريون راندیون ڪري رهيون آهن.

٤ رعيتي راج جي ڏينهن جي خوشيءَ ۾ ناچ ٿي رهيو آهي.

ڪنول جا ڦل

RESEARCH LIBRARY
INSTITUTE OF [illegible]OLOGY
UNI: OF SIND JAMSHORO.



"تازگيءَ ۾ پنهنجي خوش رنگيءَ تي توکي ناز آهي،
سچ تہ چوُ هي ناز يا انداز يا اعجاز آهي،
حسن سيني کان نرالو تون وٺي پيدا ٿئين،

نازُ ويترُ غرور ۾ حسن جو انداز آهي،
سر بسر جنهن ۾ سجو قدرت جو مخفي راز آهي،
تنهنجا سي شيدا مگر ڪنهن جو نہ تون شيدا ٿئين.

"نياز جعفري"

مسٹر محمد عمر بلوچ "پاڪستان هيرلڊ پريس" پاڪستان چوڪ ۾ ڇاپيو ۽ "پاڪستان پبليڪيشنس"
پوسٽ باڪس (۱۸۳) ڪراچي کان شايع ڪيو. (ايڈيٽر:- عبدالواحد سنڌي)